ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 24 فيبروري 2024ع بمطابق 13 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:270

ملڪ کي معاشي طور مستحڪم ڪرڻ منهنجي پهرين ترجيح آهي: شهباز شريف

نوازليگ جي صدر ۽ نامزد وزيراعظم شهباز شريف سان ايم ڪيوجي وفدجي ملاقات، اسان سان بہ پاور شيئرنگ جو فارمولو طئي ڪيو وڃي: ايم ڪيوايم جو وفد

ايم ڪيوايم جي وفد ۾ گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري، مصطفيٰ ڪمال ۽ ڊاڪٽر فاروق ستار، شهباز شريف سان سينيٽر اسحاق ڊار، راڻا ثناءُالله، سردار اياز صادق، خواجا سعد رفيق، اعظم نذير تارڙ، رانا مشهود ۽ عطا تارڙ شامل هئا

پاور شيئرنگ جو فارمولو پين وانگر اسان کي بہ طئي ڪرڻ گهرجي، اسان وٽ 17 ايم اين اي آهن، اسان کي بہ ان حساب سان حڪومت ۾ حصو ملڻ گهرجي، واضح طور ٻڌايو وڃي تہ حڪومت ۾ اسان جو موقف ڪٿي آهي: ايم ڪيوايم اڳواڻ

ملڪ ڪو ڏڪيڙ برداشت نٿو ڪري سگهي، سيني کي گڏجي ويهڻو پوندو، ملڪ کي پيش چئلينجن جو مقابلو گڏيل اتحاد سان ئي ڪري سگهجي ٿو: شهباز شريف

ملڪ کي معاشي طور مستحڪم ڪرڻ منهنجي پهرين ترجيح آهي، ملڪ ڪنهن بہ صورت ۾ ڏڪيڙ کي برداشت نٿو ڪري سگهي، محنت ۽ ايمانداري سان عوام جي خدمت ڪنداسين

ملڪي ترقي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن ڪوششون ڪنداسين، نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ کي بحرانن مان ڪڍنداسين، سيني پارٽين جي مينڊيٽ جو احترام ڪيون ٿا

لاهور (م ڊ) نامزد وزيراعظم شهباز شريف سان متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) جي وفد ملاقات ڪئي، جنهن دوران ملڪي صورتحال ۽ سياسي سهڪار تي ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي شهباز شريف چيو تہ سمورين پارٽين جي مينڊيٽ جو احترام ڪيون گهرجي ۽ ووٽ کي عزت ڏيڻ گهرجي. گڏيل وفد ملڪ ۽ قوم لاءِ شهباز شريف جي خدمتن کي ساراهيو. ملاقات کانپوءِ جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ايم ڪيو ايم ۽ مسلم ليگ ن جي اڳواڻن ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو آهي تہ سياسي مفادن بدران قومي مفادن کي ترجيح ڏني ويندي، عوام جي خدمت لاءِ متحد ٿي اڳتي وڌنداسين. ان موقعي تي مسلم ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: ايم ڪيو ايم جو وفد نواز ليگ صدر شهباز شريف سان ملاقات ڪندي

قومي اسيمبلي اجلاس گهرائڻ لاءِ وزيراعظم آفيس کي سمري موڪلي وئي

اسلام آباد (م ڊ) پارلياماني معاملن واري وزارت قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ لاءِ وزيراعظم آفيس کي سمري موڪلي ڇڏي. قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ لاءِ پارلياماني معاملن واري وزارت سمري وزيراعظم آفيس کي موڪلي آهي. سمري ۾ چيو ويو آهي تہ قومي اسيمبلي اجلاس 26 کان 29 فيبروري جي وچ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

مراد علي شاهہ سنڌ جو نئون وڏو وزير نامزد، تاريخ پ پ تي وڏي ذميواري وڌي آهي: بلاول ڀٽو

صوبي جي عوام هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان پنهنجون اميدون وابستہ ڪيون آهن، ان ڪري ايندڙ سنڌ حڪومت ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان پنهنجا اڳوڻا رڪارڊ ٽوڙيندي نوان سنگ ميل عبور ڪندي

اسان حڪومت ۾ هجون يا اپوزيشن ۾، اسان کي پراڻي سياست ڇڏڻي پوندي، پ پ سنڌ جي سمورين اپوزيشن پارٽين سان ورڪنگ رليشن قائم ڪندي، چاهي اسيمبلي ۾ هجي يا ٻاهر ۽ انهن جي جائز شڪايتن جو ازالو ڪيو ويندو

سنڌ ۽ بلوچستان، اسان انهن کي گهر ٺاهي ڏينداسين ۽ انهن گهرن جي عورتن کي مالڪي جا حق ڏينداسين، سنڌ ۾ 50 سيڪڙو اسڪول بہ ٻوڏ سبب تباهہ ٿيا، نئين حڪومت انهن اسڪولن کي بہ ترجيحي بنيادن تي تعمير ڪندي

پاڪستان پيپلز پارٽي جي گذريل صوبائي حڪومت جي صحت جي شعبي ۾ ڪارڪردگي شاندار رهي آهي ۽ ايندڙ حڪومت بہ اهو تسلسل جاري رکندي، سنڌ جي تعليمي نصاب کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪنداسين

چونڊيل ميمبر پنهنجي تڪن ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن، توهان پنهنجي حلقي جي عوام ۽ منهنجي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪيو، توهان عوام جا سفير آهيو: سنڌ پارلياماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڏي وزير جي عهدي لاءِ مراد علي شاهہ، اسپيڪر لاءِ سيد اويس شاهہ ۽ ڊپٽي اسپيڪر لاءِ نويد انٿوني کي نامزد ڪندي چيو تہ تاريخ پاڪستان پيپلز پارٽي تي وڏي ذميواري سونپي ڇڏي آهي. اسان حڪومت ۾ هجون يا اپوزيشن ۾، اسان کي پراڻي سياست ڇڏڻي پوندي. هن اعلان ڪيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي سمورين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پ پ سنڌ پارلياماني بورڊ کي خطاب ڪندي

پنجاب اسيمبلي جي ميمبرن حلف کڻي ورتو، نوازليگ ۽ سني اتحاد جي ميمبرن ۾ جهڙپون

ن ليگ جا ڪل 215 ۽ سني اتحاد ڪائونسل جي 97 ميمبر ايوان ۾ موجود، سني اتحاد ڪائونسل جي ميمبرن جي ن ليگ خلاف نعريبازي، ليگي ڪارڪنن بہ نعريبازي ڪئي

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سبطين خان جي صدارت هيٺ ٿيو، ن ليگ جي نامزد وزيراعليٰ مريم نواز حلف کڻڻ لاءِ اسيمبلي جي هال ۾ پهتي تہ ميمبرن سندس حق ۾ هنيا

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڄ 11 وڳي تائين ملتوي، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ اڄ ڳجهي ووٽنگ ذريعي ٿيندي

لاهور (م ڊ) پنجاب اسيمبلي جي نون چونڊيل ميمبرن حلف کڻي ورتو آهي. پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان نون چونڊيل ميمبرن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ن ليگ جي مريم نواز کانسواءِ سينيئر قيادت کي صوبائي سيٽون ڇڏڻ جي هدايت

لاهور (م ڊ) ن ليگ پنجاب جي نامزد وزير اعليٰ مريم نواز کانسواءِ سينيئر پارٽي قيادت کي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: نواز ليگ اڳواڻ مريم نواز، مريم اورنگزيب سميت ٻيا ميمبر حلف کڻي رهيا آهن

نواز شريف جي لاءِ مون کي زيرو ڪيو ويو، آءِ ايم ايف کي خط لکي ڇڏيو آهي: عمران خان

جيڪڏهن اهڙين حالتن ۾ ملڪ کي قرض مليو تہ قرض واپس ڪير ڪندو، ان قرض سان غربت وڌندي

جيستائين سيڙپڪاري نہ ٿيندي قرض وڌندو ويندو سڀ کان پهرين ملڪ ۾ سياسي استحڪام آڻڻو وڃي

نواز شريف جي سليڪشن لاءِ ادارن کي تباهہ ڪيو ويو، عدالتون، نيب سڀ ڪجهہ تباهہ ڪيو ويو جيئن ڪيس سليڪٽ ڪري سگهجي

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کي خط لکڻ جي تصديق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪرتارپور: صدر عارف علوي سک ياترين جي تقريب کي خطاب ڪندي

بلاول ڀٽو زرداري سميت پ پ جي چونڊيل ميمبرن جي نااهليءَ لاءِ درخواست

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سميت پ پ جي چونڊيل ميمبرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ ۾ وڏي وزير جو اميدوار مراد علي شاهہ هوندو: بلاول ڀٽو زرداري

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ پ پ سنڌ جي پارلياماني پارٽي جو اجلاس

اسپيڪر جو اميدوار اويس شاهہ ۽ اقليتي ميمبر انٿوني نويد ڊپٽي اسپيڪر جو اميدوار هوندو

ڪراچي (ويب ڊيسڪ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي اميدوارن جو اعلان ڪري ڇڏيو. بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ پ پ سنڌ جي پارلياماني پارٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سومر تائين سنڌ ۾ جيالو وڏو وزير اچي ويندو: مرتضيٰ وهاب

سنڌ اسيمبلي جا نوان چونڊيل ميمبر اڄ حلف کڻندا ۽ سومر تائين صوبي ۾ جيالو وڏو وزير اچي ويندو

جي ڊي اي عوام سان ڪو رابطو نہ رکيو ۽ جماعت اسلامي جو ڪم احتجاج ڪرڻ آهي، انهن کي ٻيو ڪو ڪم ناهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ سومر تائين سنڌ ۾ جيالو وڏو وزير اچي ويندو ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو تہ سنڌ اسيمبلي جا نوان چونڊيل ميمبر سڀاڻي حلف کڻندا ۽ سومر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

”پاڪستان جو آئين پڙهي وٺو“ اسلامي صدارتي نظام نافذ ڪرڻ بابت داخل درخواست خارج

اسان بہ اسلامي نظام چاهيون ٿا، پاڪستان ۾ پارلياماني نظام قائم آهي، آئين پڙهي وٺو، آئين جي ڪتاب جو رنگ سبز آهي: چيف جسٽس

آئين جي آرٽيڪل 227 مطابق ڪو بہ قانون قرآن ۽ سنت جي ابتڙ نہ ٿو ٺهي سگهي، ڇا توهان کي انهن ڳالهين تي اعتراض آهي؟

ڇا توهان صدارتي نظام ۾ صدر ٿيڻ چاهيو ٿا؟ توهان جو سمورو اختيار هڪ اڪيلي شخص کي ڏيڻ لاءِ صدارتي نظام چاهيو ٿا؟

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ملڪ ۾ اسلامي صدارتي نظام نافذ ڪرڻ بابت داخل ڪرايل درخواست خارج ڪري ڇڏي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ جوڙيل بينچ ٻڌڻي هلائي. درخواست گذار چيو تہ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بلوچستان جو وڏو وزير ڪير هوندو؟ چئن اميدوارن ۾ سخت مقابلو

پ پ جي ٽڪيٽ تان ڪامياب ٿيندڙ مير ظهور بليدي بہ وڏ وزارت جي ڊوڙ ۾ شامل ٿي ويو

بلوچستان جي وڏ وزارت لاءِ ظهور بليدي ۽ صادق عمراڻي مضبوط اميدوار آهن: ذريعا

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان ۾ وزير اعليٰ لاءِ هڪ ٻيو اميدوار بہ سامهون اچي ويو پ پ جي ٽڪيٽ تان ڪامياب ٿيندڙ مير ظهور بليدي بہ وڏ وزارت جي ڊوڙ ۾ شامل ٿي ويو. پ پ جي بن اميدوارن لاءِ پارٽي ميمبرن طرفان نرمي، جڏهن تہ بن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پنجاب مان ن ليگ کي قومي اسيمبلي جون 17 خاص سيٽون الاٽ

پ پ، ق ليگ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي کي هڪ-هڪ سيٽ الاٽ ڪئي وئي، حنا رباني کر، منزا حسن ۽ فرح خان جو نوٽيفڪيشن بہ جاري

سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون ڏيڻ جو معاملو اليڪشن ڪميشن ۾ ٻڌڻي هيٺ

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي لاءِ پنجاب مان عورتن جي مخصوص سيٽن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ن ليگ کي 17 سيٽون الاٽ ڪيون ويون. جڏهن تہ پ پ، ق ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ڊي ايم جي ڀيٽ ۾ نگران حڪومت گهٽ قرض ورتا: ناڻي واري وزارت

نگران حڪومت 6 مهينن ۾ 30 ڪروڙ ڊالرن جا نيٽ ٻاهريان قرض ورتا، 3 ارب 60 ڪروڙ ڊالرن جي ٻاهرين قرض جي ادائيگي ڪئي

گذريل پي ڊي ايم حڪومت 6 مهينن جي عرصي ۾ 3 ارب ڊالرن جا نيٽ ٻاهريان قرض ورتا

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وزارت دعويٰ ڪئي آهي تہ نگران حڪومت دوران ورتل قرض پي ڊي ايم حڪومت ادوران ورتل قرضن کان گهٽ رهيا. ناڻي واري وزارت موجب نگران حڪومت 6 مهينن ۾ 30 ڪروڙ ڊالرن جا نيٽ ٻاهريان قرض ورتا، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

قومي اسيمبلي لاءِ سنڌ مان عورتن جي خاص سيٽن جو نوٽيفڪيشن جاري

پ پ کي 10 ۽ ايم ڪيوايم کي 4 سيٽون ڏنيون ويون: اليڪشن ڪميشن

شازيا مري، نفيسا شاهہ، شگفتا جماڻي، شاهده رحماڻي، شهلا رضا، مهتاب راشدي ميمبر ٿي ويون

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي لاءِ سنڌ مان عورتن جي خاص سيٽن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا ذريعي مذهبي نفرت کي هٿي ڏيڻ لڳي، وڏو انڪشاف

آمريڪا ۾ پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا هيڊ جعلي آءِ ڊي ذريعي رهيو آهي، ايڪس جي آفيشل اڪائونٽ سان ماڻهن کي وارننگ ميسيج موڪليا پيا وڃن: عمر سيف

پيغام اڪائونٽن تي سڌي ريٽ ڊي ايم ذريعي موڪليا پيا وڃن، سچو پراسيس اڪائونٽ هيڪ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا ذريعي مذهبي نفرت تي ٻڌل پروپيگنڊا وڌڻ لڳي، پي ٽي آءِ جو آمريڪا ۾ سوشل ميڊيا هيڊ جبران الياس بہ اهڙي ناڪاري مهم ۾ ملوث نڪتي انفارميشن ٽيڪنالاجي بابت نگران وزير ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

”حڪومت سازي روڪي وڃي“ :چونڊ نتيجا سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج

چونڊ نتيجن جا سمورا فارم 47 ڪالعدم قرار ڏنا وڃن: شيرافضل مروت جي درخواست

ڌانڌلي جي الزامن جي جاچ لاءِ جڊيشل ڪميشن جوڙي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ ۽ نئين چونڊيل ايم اين اي شيرافضل مروت عام چونڊن جي نتيجن کي سپريم ڪورٽ ۾ انفرادي حيثيت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

هڪ هفتي دوران 23 ضروري شين جي قيمتن ۾ رڪارڊ واڌ

هڪ هفتي دوران ٽماٽو 24 رپيا 53 پئسا في ڪلو، برائلر مرغي 5 رپيا 49 پئسا في ڪلو ۽ ڪيلا 9 رپيا 40 پيسا في درجن مهانگو ٿي ويو

کنڊ، گوشت، گوشت، ڏڌي، دال مونگ ۽ دال مسور جا اگهہ بہ وڌي ويا جڏهن تہ چانهہ، لوسن، دال چنا، دال ماش ۽ کير جا اگهہ بہ وڌي ويا

هلندڙ هفتي بصر 29 رپيا 17 پئسا في ڪلو، انڊا 31 رپيا 32 پئسا في درجن ۽ ايل پي جي سلنڊر 58 رپيا 96 پئسا في ڪلو سستو ٿي ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) شماريات واري بيورو مهانگائي بابت پنهنجي هفتيوار رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، جنهن موجب هڪ هفتي دوران 23 ضروري شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو رپورٽ موجب هڪ هفتي دوران ٽماٽو 24 رپيا 53 پئسا في ڪلو، برائلر مرغي 5 رپيا 49 پئسا في ڪلو ۽ ڪيلا 9 رپيا 40 پيسا في درجن مهانگو ٿي ويو اهڙي طرح کنڊ، گوشت، ڏڌي، دال مونگ ۽ دال مسور جا اگهہ بہ وڌي ويا جڏهن تہ چانهہ، لوسن، دال چنا، دال ماش ۽ کير جا اگهہ بہ وڌي ويا، هلندڙ هفتي بصر 29 رپيا 17 پئسا في ڪلو انڊا 31 رپيا 32 پئسا في درجن ۽ ايل پي جي سلنڊر 58 رپيا 96 پئسا في ڪلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي پريس ڪانفرنس ڪندي

جسٽس شهزاد کي چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ ۽ جسٽس نعيم کي سپريم ڪورٽ جو جج بڻائڻ جو فيصلو

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ جڊيشل ڪميشن جو اجلاس، ججن جي مقرري جي حوالي سان اهم فيصلا ڪيا ويا

اجلاس ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نعيم اختر افغان کي سپريم ڪورٽ جو جج بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

جسٽس شهزاد احمد ملڪ کي لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس بڻائڻ جي منظوري، جڊيشل ڪميشن ٻنهي نالن جي منظوري ڏئي معاملو پارلياماني ڪميٽي کي موڪلي ڇڏيو

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب تقريب کي خطاب ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نعيم اختر افغان کي سپريم ڪورٽ جو جج بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ جڊيشل ڪميشن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ سپريم ڪورٽ ۾ ججن جي مقرري جي حوالي سان اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نعيم اختر افغان کي سپريم ڪورٽ جو جج بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن لاءِ جڊيشل ڪميشن منظوري ڏئي ڇڏي، ان کانسواءِ جسٽس شهزاد احمد ملڪ کي لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس بڻائڻ جي منظوري بہ ڏني وئي. جڊيشل ڪميشن ٻنهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ملڪ احمد خان کي پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر نامزد ڪرڻ جو امڪان

پي ٽي آءِ احتجاج ۽ شرارت کانسواءِ ڪجهہ ناهي ڪيو: ملڪ احمد خان

بدقسمتيءَ سان ڪجهہ ڪردار سياست ۾ عدم استحڪام جو سبب بڻجن ٿا

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ملڪ محمد احمد خان کي پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر نامزد ڪرڻ جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

بلوچستان اسيمبلي ۾ پ پ جي سيٽن جو انگ 18 تي ويو

3 عورتن ۽ اقليت جي سيٽ ملڻ کانپوءِ ن ليگ جي سيٽن جو انگ 17 آهي

مخصوص سيٽون ملڻ کانپوءِ جي يو آءِ جي سيٽن جو انگ 14، بي اي پي جو 5 تي ويو

ڪوئيٽا (م ڊ) عورتن ۽ اقليتن جي مخصوص سيٽن تي ڪامياب ميمبرن جا نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ کانپوءِ بلوچستان اسيمبلي ۾ پارٽي پوزيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

آصف زرداري مفادن جو بادشاهہ ۽ اڄڪلهہ لاڏلو آهي: جي يو آءِ ف

ڌانڌلي ۽ پئسي جو استعمال پ پ جو اصل منشور آهي، اسان ڀرپور عوامي تحريڪ هلائينداسين

ملڪ کي زرداري اينڊ ڪمپني جي حوالي نہ ڪنداسين، ڏي وٺ جو ماهر زرداري صاحب رت بہ ڪپائي ڇڏيندو آهي

پ پ قيادت جي قربانين جي بدلي اقتدار جي خريد ۽ وڪرو ڪندڙن کي پنهنجي قربانين تي فخر ناهي

اسلام آباد (م ڊ) جمعيت علماء اسلام اڳوڻي صدر آصف زرداري کي لاڏلو قرار ڏئي ڇڏيو جي يو آءِ ترجمان اسلم غوري موجب زرداري صاحب مفادن جو بادشاهہ ۽ اڄڪلهہ لاڏلو بہ آهي. ڌانڌلي ۽ پئسي جو استعمال پ پ جو اصل منشور آهي. هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آءِ ايم ايف کي خط لکڻ سان ملڪي سلامتي کي ڪو خطرو نہ هوندو: بئريسٽر گوهر

اسان اڳ بہ آءِ ايم ايف کي خط لکيا ۽ هاڻ بہ لکنداسين، نگران سيٽ اپ ۽ اليڪشن ڪميشن چونڊون ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيا

عدليا کي درخواست ڪئي هئي تہ راولپنڊي جي ڪمشنر ۽ سندس خاندان جي حفاظت ڪئي وڃي، حفاظت نہ ملڻ سبب ان بيان تبديل ڪيو

عمران خان چيو آهي تہ ملڪ لاءِ آءِ ايم ايف پروگرام جاري رهڻ گهرجي، پاڪستان جي معيشت کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ بئريسٽر گوهر چيو آهي تہ اسان اڳ بہ آءِ ايم ايف کي خط لکيا ۽ هاڻ بہ لکنداسين. ان سان ملڪي معيشت، سلامتي ۽ جمهوريت کي ڪو خطرو نہ هوندو. اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي بئريسٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪجهہ سازشي مفادن لاءِ ساک کي نقصان پهچائي رهيا آهن: الطاف سولنگي

الاهي بخش سولنگي کي ڪا بہ ايڊمنسٽريٽر پوسٽ يا چارج ناهي ورتائي ڏني

پي سي ايس آءِ آر سوسائٽيءَ جي پلاٽن جا ڪيترائي فائل غائب آهن، بليڪ ميلنگ ۾ نہ ايندس

ڪراچي (رپورٽر) پي سي ايس آءِ آر سوسائٽي جي ايڊمنسٽريٽر الطاف سولنگي سوسائٽي بابت ميڊيا ۾ آيل سمورن خبرن جي ترديد ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي سي ايس آءِ آر سوسائٽي جي ايڊمنسٽريٽر الطاف سولنگي

بجيٽ آءِ ايم ايف جي شرطن موجب ٺهندي، نئين پروگرام لاءِ اهم هدف طئي

مرڪزي بئنڪ وٽ ناڻي مٽاسٽا جا ذخيرا 3 مهينن جي درآمدي بل جي برابر رکڻ جو هدف هوندو

نگران حڪومت نئين حڪومت لاءِ معاشي روڊ ميپ ۽ قرض پروگرام لاءِ ورڪنگ تيار ڪئي آهي

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وزارت آءِ ايم ايف سان نئين قرض پروگرام لاءِ اهم هدف طئي ڪري ورتا. ناڻي واري وزارت جي ذريعن جو چوڻ آهي تہ آءِ ايم ايف سان نئون پروگرام 6 ارب ڊالرن جو هوندو، جنهن جو مدو 3 سال هوندو. نئين پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

عدت ۾ نڪاح ڪيس، عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو فيصلي خلاف عدالت سان رابطو

سول جج قدرت الله طرفان بہ فيبروري تي ٻڌايل فيصلو حقيقتن جي خلاف آهي: بشريٰ بي بي جي درخواست

بشريٰ بي بي تي لاڳو ڪيل فرد جرم بہ غير قانوني آهي، اختيارن جي دائري جي درخواست بنا ڪنهن سبب جي رد ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي عدت ۾ نڪاح ڪيس جي فيصلي خلاف سيشن عدالت سان رابطو ڪري ورتو بشريٰ بي بي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ پنهنجي وڪيلن عثمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: تيز رفتار موٽر سائيڪل نالي ۾ ڪري پئي، ٻہ ڄڻا فوت

هاڪس بي مشرف ڪالوني ۾ نالي مان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا: پوليس

لاشن جي ڀرسان هڪ 125 موٽر سائيڪل بہ ملي آهي، ٿئي موٽر سائيڪل سوار تيز رفتاري سبب نالي ۾ ڪريا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ خشڪ نالي مان ٻن ڄڻن جا لاش مليا آهن هاڪس بي مشرف ڪالوني ۾ نالي مان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا. پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

15 ورهين کانپوءِ ايران گئس پائپ لائن منصوبي جي حوالي سان اهم فيصلو

ڪابينا جي توانائي ڪميٽي ايراني بارڊر کان گوادر تائين 81 ڪلوميٽر پائپ لائن وڇائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

پائپ لائن وڇائڻ سان پاڪستان 18 ارب ڊالر ڏنڊ جي ادائيگي کان بچي ويندو ۽ ايل اين جي جي ڀيٽ ۾ ايران کان 750 ملين ڪيوبڪ فٽ گئس انتهائي سستي ملندي: ذريعا

ايران کان گئس خريدڻ جي نتيجي ۾ پاڪستان کي ساليانو 5 ارب ڊالرن کان وڌيڪ جي بچت ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان 15 ورهين کانپوءِ ايران گئس پائپ لائن منصوبي جي حوالي سان اهم فيصلو ڪري ورتو ذريعن موجب ڪابينا جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

شب برآت، سنڌ ۾ 26 فيبروري تي اسڪولن جي عام موڪل جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ 26 فيبروري تي اسڪولن جي عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: آءِ جي سنڌ رفعت مختار راڄپر 6 هفتن تي مشتمل تربيتي سيشن جي اختتامي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٻيهر آءِ ايم ايف جي در تي وڃڻ وارا آهيون: عرفان صديقي

ملڪي معيشت تمام گهڻو زوال پذير آهي، اسان جو دارومدار ٻين تي آهي

ملڪ ۾ انتشار ۽ عدم تحفظ جي فضا کي ختم ڪرڻ بہ هڪ چيلنج آهي

نوازليگ جي گذريل دور ۾ اسان آءِ ايم ايف کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) مسلم ليگ ن اڳواڻ عرفان صديقي جو چوڻ آهي تہ اسان ٻيهر آءِ ايم ايف جي در تي وڃڻ وارا آهيون. مسلم ليگ ن جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27


مسلم ليگ ن اڳواڻ عرفان صديقي

پ پ ٻن سينيٽرن کي قومي ۽ هڪ کي صوبائي اسيمبلي ميمبر طور حلف کڻڻ کان روڪي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ قيادت ٽن سينيٽرن کي قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبر طور حلف کڻڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سک ياترا تي آيل جسپريت پاڪستاني نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي

پاڪستان اچي مذهب تبديل ڪرڻ ۽ شادي ڪندڙ ناري جو واسطو اوڀر پنجاب جي شهر لڌيانا سان آهي

جسپريت سيالڪوٽ ۾ اسلام قبول ڪيو جنهن بعد سندس نالو زينب رکيو ويو

لاهور (م ڊ) جرمني جي رهواسي اوڀر پنجاب جي سک ناري سيالڪوٽ اچي اسلام قبول ڪري ورتو ۽ پاڪستاني نوجوان سان شادي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ميرپور ماٿيلو ۾ هدايت لوهار جي قتل خلاف سول سوسائٽي ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جو احتجاج

وڪيل محمد عمار دايو ۽ سهيل احمد ڪلوڙ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پيادل مارچ ڪري سموري شهر جو گشت ڪري ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

قتل ۽ قاتلن بابت ثبوت هجڻ باوجود استاد هدايت جون نياڻيون سسئي لوهار ۽ سورٺ لوهار ڪيترن ڏينهن کان سراپا احتجاج آهن: اڳواڻ

بيگناهه قتل ڪيل استاد جو ڪيس داخل نه ٿو ڪيو وڃي، سسئي ۽ سورٺ سان گڏجي سنڌ پنجاب دنگ بند ڪنداسين: چتاءُ

ميرپورماٿيلو (رپورٽ) ميرپورماٿيلو ۾ شهيد هدايت لوهار جي قتل خلاف سول سوسائٽي ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي سڏ تي مهراڻ ڪلب کان گهنٽا گهر چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آهي جنهن ۾ جست جقسر ب جسقر آريسر سنڌ سجاڳي فورم ۽ فنڪشنل ليگ سميت وڏي انگ ۾ سول سوسائٽي جي مرد ۽ عورتن شرڪت ڪئي. وڪيل محمد عمار دايو ۽ سهيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ملير پرسان ڳوٺ ۾ چور سرڪاري اسڪول مان چوري ڪري فرار، مظاهرو

ريڙهي ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول مان گذريل رات چورن ديوار ٽوڙي اسڪول ۾ داخل ٿي سولر سسٽم سميت ٻيو سامان ٻهاري ويا

استاد ۽ شاگرد پهتا ته سمورو سامان غائب هو، جنهن خلاف سول سوسائٽي، شاگردن ۽ والدين احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

سامونڊي پٽي ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي، اسڪول محفوظ ناهن، چور جتن جي شڪل ۾ پهچي ديوارون ٽوڙي چوري ڪري فرار ٿي وڃن ٿا: شهري

ملير (رپورٽ: فاروق پنگوار) ريڙهي ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول مان چور ديوار ٽوڙي سولر سسٽم ۽ ٻيو سامان ٻهاري ويا، سول سوسائٽي، شاگردن ۽ والدين طرفان احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو، تعليم دشمن چورن کي گرفتار ڪريو جا نعرا، احتجاج بعد ايس پي اي، ايم اين اي ۽ پوليس عملدار پهچي ويا، سامونڊي پٽي جا 70 ڪان متي اسڪول غير محفوظ آهن 10 چورن رات اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ملير: تعليم کاتي جا عملدار اسڪول مان چوري ٿيڻ جو معائنو ڪري رهيا آهن

غوٺپور ۾ ٽن دڪاندارن کان لکين روپين جي ڦر ۽ وڌندڙ بدامني خلاف شٽربند هڙتال

غوٺپور (رپورٽر) غوٺپور ۾ ٽن دوڪاندارن کان لکين روپين جي ڦر ۽ وڌندڙ بدامني خلاف شٽربند هڙتال ڪئي وئي، انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو 3 ڏينهن اڳ هٿياربند ڌاڙيلن ٽن دڪانن تان ڦرجي واقعن خلاف جي يو آءِ جي سڏ تي شهر ۾ ڪاروبار بند رکيو ويو جي يو آءِ ڪارڪن ۽ واپارين انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي، ڦريل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهرو فيروز ۾ ڳوٺاڻن جو بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس جي سرپرستي ۾ بدامني جو راڄ آهي، اسان جي ڄڄ جي وين کي ڦورن يرغمال ڪري ڦر ڪئي وئي: مظاهرين

ڌوهارين تي ڪيس داخل هجڻ باوجود پوليس انهن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي، رهندو اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

جوابدار اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان کي تحفظ ڏئي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڳوٺ دڙي وارا ٻوهيا جي ڳوٺاڻن جو بدامني چورين ڦرن ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف صحافين ۽ ڳوٺاڻن جو عورتن سميت پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو، احتجاج جي اڳواڻي صحافي علي بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر: صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا صحافين احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو، 194 ڏينهن گذرڻ باوجود شهيد صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف جمعي ڏينهن به سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهرو فيروز: شهري بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

بدين ۾ گرلز ۽ بوائز پرائمري اسڪول جو مرمت جو ڪم شروع نه ٿيو

ڪم 2 سال گذرڻ باوجود به مڪمل نه ٿي سگهيو، هاءِ اسڪول ايگروول ڪالوني جو ڪم 2022 ۾ شروع ٿيو

گذريل ٻن سالن کان بوائز سيڪشن کي شام جي شفٽ ۾ گرلز اسڪول جي بلڊنگ ۾ هلايو وڃي ٿو

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين شهر جي سرڪاري ملازمن جي رهائشي ايگروول ڪالوني ۾ ۽ ڪينٽ روڊ تي صديق ڪنڀار پاڙي ۾ قائم گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪولن ۽ بدين شهر جي سڀ کان وڏيڪ آبادي ۽ شهر جي وچ واري علائقي شهبازروڊ تي قائم بدين جو واحد اردو بوائز ۽ گرلز پرايمري اسڪولن جي عمارتن کي خستا حال ڄاڻائي انهن جي نئين سري اڏاوت ۽ مرمت جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي هدايت جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

پ ٽ الف دادو اڳواڻن پرديپ ڪمار، شفيق جتوئي، عمران ڪورائي، احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

نصيرآباد جي پرائمري استاد هدايت لوهار کي اسڪول وڃڻ دوران قتل ڪيو ويو، ايف آءِ آر هن وقت تائين داخل ناهي ڪئي وئي: اڳواڻ

قتل ٿيل پرائمري استاد جي ايف آءِ آر داخل ڪري قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سزا ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) پ ٽ الف سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سلسيو پاران نصيرآباد ۾ ناحق قتل ٿيل پرائمري استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، پ ٽ الف دادو اڳواڻن پرديپ ڪمار، شفيق جتوئي، عمران ڪورائي، لطف علي ڪولاچي، سورجند، ذڪريا جمالي، شنڪراوڊ، گلاب ابڙو ۽ ٻين استادن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوٺپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊي ايڇ او پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ضلعي اندر 340056 ٻارن کي انسداد پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو ٽارگيٽ مقرر ڪيو ويو آهي

پوليو عملدار گهٽ ڪارڪردگي وارين يو سين کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن ته جيئن ڪو به ٻار هن مهم کان رهجي نه وڃي

موبائل ٽيمون 59 ٽرانزٽ ۽ 60 مقرره ٽيمون گهر گهر وڃي 5 سال تائين ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارينديون

غوٺپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور امير فضل اريسي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر بابو لال 26 فيبروري کان 03 مارچ 2024ع تائين جاري رهندڙ قومي انسداد پوليو مهم جي شروعات ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري ڪئي. قومي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ملير ۾ صحافي ۽ ليکڪ حامد الله سرهندي 70 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

ملير (د ر) ملير ۾ صحافت جو بانيڪار، ليکڪ ۽ صحافي حامد الله سرهندي 70 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ لائبريري جو ڏاني هو، هن هڪ بيواهه، 3 نياڻيون ۽ هڪ پٽ سوڳوارن ۾ ڇڏيا. اطلاع ملندي ئي هزارين ماڻهون پير سرهندي ڳوٺ پهچي ويا، جنازي نماز ۾ چونڊيل نمائندن، سياسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

غوٺپور: ڊپٽي ڪمشنر ٻارڙي کي پوليو جا ڦڙا پياري مهم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ٽڪراٽو ۽ پرياسي ۾ بينظيرانڪم سپورٽ جي نالي تي ٺڳيندڙ ٽولو سرگرم

جعلي فارم ڀري ڏيڻ جي لالچ ڏئي 6 سو کان هڪ هزار فيس وٺي ڳوٺاڻن عورتن کي ٺڳيندڙ ٽولو ثبوتن سميت سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ٻن ڏينهن ٺڳيندڙ ٽولو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام فارم جو هڪ هزار فيس وٺڻ بهاني ڪيترن ئي مستحق عورتن کي سان ڦري رهيا آهن: مستحق عورتون

ڳوٺاڻن جعلي فارم ڀريندڙن کي جعلي فارمن ۽ شاختي ڪارڊن سميت پوليس حوالي ڪيو آهن وڏيڪ جاچ ڪرڻ بعد قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: پوليس

ٽڪراٽو (ن سنڌيار) ٽڪراٽو ۽ پرياسي ۾ مختلف اين جو اوز جي نالن سان گهر سروي ۽ بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام جا جعلي فارم ڀري ڏيڻ جي لالچ ڏئي 6 سو کان هڪ هزار فيس وٺي ابوجهه غريب مستحق ڳوٺاڻن عورتن کي ٺڳيندڙ ٽولو ثبوتن سميت ڳوٺاڻن سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن جي شڪايت تي ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي وڏيڪ جاچ ڪرڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ريلي جو مقصد عوام ۾ پوليو جهڙي موذي مرض بابت آگاهي ڏيڻ آهي: ڊپٽي ڪمشنر بدين

پوليو جي خاتمي لاءِ اسان سڀني کي ملي ڪري ڪوشش ڪرڻي آهي، مرض جو خاتمو ڪري نسلن کي معذوري کان بچائي سگهجي

جاڳرتا ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر منظور ميمڻ، ايم ايس سول اسپتال ڊاڪٽر مير اختر ٽالپر، ڊاڪٽر رجنيش ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو سول اسپتال بدين ۾ ٻارڙي کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي مهم جي افتتاح کانپوءِ پوليو بابت عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سول اسپتال بدين کان مين روڊ تائين ريلي پڻ ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته هن ريلي جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٺٽو صحافي محمود پنيرو جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي

ٺٽو (د ر) ٺٽي جي صحافي محمود پنيرو جي گهر واري ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد چليا پيپر ملز لڳ ڳوٺ آدم پنيرو ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي، جنهن جي جنازي نماز ۾ پ ب ب ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي، ايم اين اي صادق علي ميمڻ، سابق ايم پي اي سيد امتياز شاهه شيرازي، پاڪستان مسلم ليگ ن ضلعي ٺٽي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

بدين: ڊپٽي ڪمشنر ٻارڙي کي پوليو جا ڦڙا پياري مهم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ڪنب واسي پريمي جوڙو تحفظ لاءِ نوشهرو فيروز پهتو

اسان جا مائٽ ڪاوڙجي پيا آهن ۽ اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: پريمي جوڙو

اسان کي سنڌن مان جان جو خطرو آهي اسان کي خدشو آهي ته اسان کي ماريو ويندو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ ميڊيا سينٽر تي پهچي ويو تحفظ جو مطالبو ڪنب واسي پيار جو پرڻو ڪندڙ ناري شمع ڳاهو پنهنجي مڙس حسين بخش خاصخيلي سان گڏ ميڊيا سينٽر پرياسڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهرو فيروز: ڪنب واسي پريمي جوڙو تحفظ لاءِ اپيل ڪري رهيو آهي

ڪنهن سان به دشمني ناهي اڳوڻن ساهرن مان جاني خطرو آهي: صحافي جاويد ملڪ

گذريل ڏينهن صحافي تي موتمار حملو ڪيو ويو هو، ڌوهاري کي پوليس ڪري لاڪ اپ ڪيو هو

اسان جي حياتن کي جوابدارن مان خطرو آهي، چيف جسٽس، آءِ جي سنڌ ۽ ٻيا نوٽيس وٺن: صحافي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي صحافي تي هلان ڪري حملو ڪندڙ سنڌس اڳوڻو سالو شمشاد علي عرف ارشاد علي ٽاٽي تي لڪت ڪرڻ بعد آزاد منهنجي ڪنهن سان به دشمني ناهي اڳوڻن ساهرن مان جاني خطرو آهي صحافي جاويد ملڪ تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ملير ۾ پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

تقريب ۾ صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ وڪيلن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت

سنڌ سماجي سٿ تنظيم نئين چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻي تقريب منعقد ڪئي وئي

ملير (رپورٽ: فاروق پنگوار) سنڌ سماجي سٿ تنظيم طرفان عوامي پريس ڪلب ملير جي نئين چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻي تقريب. تقريب ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: ايم پي اي سيد رخسانه شاهه مخصوص سيٽ تي اسيمبلي ميمبر بڻجي وئي

ريحانه لغاري ۽ هير سوهو تي ڪي پڻ عورتن جي مخصوص سيٽن تي ايم پي اي طور نامزد ڪيو ويو

شهرين پاران ايم پي اي ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي ڪين مبارڪون ڏنيون

ٺٽو (د ر) سنڌ اسيمبلي ۾ پ پ پ پاران عورتن جي مخصوص سيٽن تي ٺٽي ۽ سجاول ضلعن مان چونڊيل عورت ايم پي ايز پ پ سان ورهين کان نڀاءُ ڪندڙ، ڪرت لکيت جيل ۾ قيد ڪاٽيندڙ پ ب ليڊيز ونگ ضلعي ٺٽي جي صدر سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

شڪارپور ۾ ڇهين سنڌ ڪاليج گيمز سلسلي ۾ راندين جا مقابلا ٿي گذريا

ڊگري ڪاليج شڪارپور ۾ انٽر ڊسٽرڪٽ گرلز بيڊمنٽن ٽيبل ٽينس ٿرو بال والي بال ٿي گذريون

لاڙڪاڻو جي ٽيم شڪارپور جي ٽيم کي 2.0 تان شڪست ڏئي فائنل پنهنجي نالي ڪيو

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور 23 فيبروري ڇهين سنڌ ڪاليج گيمز ريجن لاڙڪاڻو جي سلسلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ ڪاليجز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شڪارپور: شاگرديائيون ٽيبل ٽينس دوران راند ڪيڏي رهيون آهن

بدين ۾ جاتي واسي پريمي جوڙو جو تحفظ لاءِ احتجاج

مون پيار جو پرڻو ڪيو آهي، منهنجا پاڙ ۽ مائٽ ڪاوڙجي اسان جا دشمن ٿي پيا آهن: ناري

اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ اسان جي جان بچائي وڃي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) جاتي واسي پريمي جوڙي بدين ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو، پيار جي پرڻي بعد ناري جا وارث جوڙي جا دشمن ٿي پيا. پريمي جوڙو پناهه لاءِ دربدر، تحفظ جي اپيل. خبر موجب جاتي واسي نوجوان ناري بصران ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين: جاتي واسي پريمي جوڙو تحفظ جي لاءِ اپيل ڪري رهيو آهي

ڪجهه مافيا وارا چاهين ٿا ته مان جعلي فائلن تي صحيح ڪريان: الطاف سولنگي

ان ڳالهه ۾ ڪا به صداقت ناهي ته الاهي بخش سولنگي مون کي ڪا به چارج ناهي ورتائي ڏني

جلد انهن مافيائن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انهن کي بي نقاب ڪندس

ڪراچي (رپورٽر) پي سي ايس آءِ آر سوسائٽي جي ايڊمنسٽريٽر الطاف سولنگي سوسائٽي بابت ميڊيا ۾ آيل سمورن خبرن جي ترديد ڪندي چيو آهي ته ان ڳالهه ۾ ڪا به صداقت ناهي ته الاهي بخش سولنگي مون کي ڪا به ايڊمنسٽريٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

مانجهند ۾ پوليس جي دڪان تي چڙهائي، پورهيتن کي مبينا ڪنيي تشدد

پوليس ٻن پورهيتن اميد علي ميمڻ ۽ محرم علي ميمڻ کي ڪنيي سخت تشدد جو نشانو بڻايو

20 ڏينهن اڳ مون کان 15 لک ڦر ٿي هئي پورهيتن تي ڪو به شڪ ناهي: واپاري

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند پوليس جي دڪان تي چڙهائي ٻن پورهيتن کي مبينا ڪنيي وحشاڻو تشدد باٿر جي مدالخت تي آزاد پورهيتن جو احتجاج دانهون. تفصيل موجب مانجهند پوليس جو ايس ايڇ او ۽ اي ايس آءِ ۽ نجي گارڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مانجهند: مبينا پوليس جي تشدد جو نشانو بڻايل پورهيت

دڙو ۾ استاد آفتاب پليجو جي مان ۾ تقريب ٿي گذري

تقريب ۾ پ ٽ الف، تعليم کاتي جي آفيسرن، شهرين، استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي

استاد آفتاب پليجو جي تعليمي ۽ سماجي خدمتن تي ڪيس زبردست پيتا پيش ڪئي وئي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون جي آدرشي استاد آفتاب پليجو جي مان ۾ پُروقار تقريب، ثقافتي رنگ نکري پيا، تعليمي ۽ سماجي خدمتن تي ڪيس زبردست پيتا پيش. گستا، پ ٽ الف اڳواڻن، تعليم کاتي جي آفيسرن، شهرين، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر بئراج جي مرمتي ڪم ۾ ٺيڪيدار بيناڊگين خلاف ڌرڻو هنيو ويندو: خادم حسين ڪوسو

سکر بئراج جي بحالي وارو ڪم سست رفتاري سان سيڪرٽ انجنيئرن جي نگراني ۾ پيو ٿئي

رائس ڪئنال جي ڪاٽي وارو ڪم جلد مڪمل نه ڪرايو ته ڌرڻو هڻي احتجاج ڪنداسين

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) آل پاڪستان يونائيٽيڊ اريگيشن ايمپلائيز فيڊريشن پاڪستان جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل ۽ چيئر مين سنڌ اريگيشن ٽريڊ يونين متحده فيڊريشن خادم حسين ڪوسو چيو آئي ته سکر بئراج جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر ۾ لاڏائو ماڻهن جي جهوپڙين کي باهه لڳي وئي

سکر جي آباد لاکا ويجهو گذريل رات لاڏائو ماڻهن جي جهوپڙين ۾ باهه لڳي وئي، 14 کان وڌيڪ جهوپڙين کي وڪوڙي وئي

باهه لڳڻ سبب 14 کان وڌيڪ ڪکاوان گهر ۽ سامان سڙي رک ٿي ويو ماڻهون معجزاتي طور محفوظ رهيا

اطلاع ملڻ باوجود فائربرگيڊ عملو دير سان پهتو باهه کي وسائڻ لاءِ پهتو ريسڪيو عملي کي پڻ متاثر علائقي ۾ پهچڻ تائين ڏکيائين جو منهن ڏيڻو پيو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي آباد لاکا ويجهو گذريل رات لاڏائو ماڻهن جي جهوپڙين کي باهه لڳي وئي، 14 کان وڌيڪ ڪکاوان گهر ۽ قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو، ماڻهون معجزاتي طور محفوظ رهيا. تفصيل موجب سکر جي آباد لاکا ويجهو گذريل رات لاڏائو ماڻهن جي جهوپڙين ۾ باهه لڳي وئي ڏسندس ڏسندي 14 کان وڌيڪ جهوپڙين کي وڪوڙي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽي ۾ استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري خلاف قومپرست پارٽين جي ريلي

ريلي ۾ جيئي سنڌ تحريڪ، جيئي سنڌ محاذ ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ مختلف قومپرست پارٽين پاران شرڪت ڪئي وئي

هدايت لوهار جي قاتلن خلاف ڪاروائي نه ٿيڻ ۽ پوليس پاران ايف آئي آر داخل نه ڪرڻ خلاف ريلي ۽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هدايت لوهار جي قتل خلاف پوليس پاران ايف آئي آر نه ڪٽڻ تي شهيد جون نياڻيون گذريل ڪافي ڏينهن کان احتجاج ۾ ويٺل آهن: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌي قومپرست اڳواڻ ۽ سينيئر استاد هدايت الله لوهار جي قتل ۽ قاتلن خلاف ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف ٺٽي ۾ مختلف قومپرست پارٽين پاران ريلي ۽ احتجاجي مظاهرو جيئي سنڌ تحريڪ، جيئي سنڌ محاذ ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ٺٽو پاران نصيرآباد ۾ قتل ٿيل سنڌي قومپرست اڳواڻ هدايت لوهار جي قاتلن خلاف ڪافي ڏينهن گذرڻ باوجود /بقايا پڙهوصفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: استاد هدايت لوهار جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

شهدادپور ويجهو هٿيارٻندن جي فائرنگ، موٽرسائيڪل سوار 2 ڄڻا قتل

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ويجهو هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ موٽرسائيڪل سوار 2 ڄڻا قتل ٿي ويا شهدادپور ويجهو زرداري ۽ ٽالپر ڌرين ۾ هلندڙ سڱاوتي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ 2 ڄڻا مارجي ويا هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ موٽرسائيڪل سوار غلام شبير زرداري ۽ مراد علي زرداري قتل ٿي ويا. لاش واقعي واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ملير ۾ استاد هدايت لوهار جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف پ ٽ الف جو احتجاج

استاد هدايت لوهار جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ ايف آءِ آر داخل نه ڪرڻ خلاف پ ٽ الف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

هدايت لوهار جو قتل هڪ استاد نه پر شعور جو قتل آهي، هو قوم ۽ ڌرتيءَ جو عاشق هيو: اڳواڻن جو ڌرڻي کي خطاب

مقتول هدايت الله لوهار کي ٽائي پرسان قتل ڪيو ويو پر نصيرآباد پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي، قاتلن جا سي سي ٽي وي فٽيج وائرل ٿيا آهن

ملير (د ر) نصيرآباد ۾ قتل ٿي ويل قومپرست ڪارڪن ۽ استاد جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ خلاف ملير ۾ پ ٽ الف طرفان احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي، قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب: هفتو اڳ نصيرآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ملير: هدايت لوهار جي قتل خلاف پ ٽ الف پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

بنگلاديش جو ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ايس ايم محبوب عالمي سکر پهچي ويو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) اسلامي جمهوريه بنگلاديش جو ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ايس ايم محبوب عالم سکر پهچي ويو ڪمشنر سکر ڊويزن سان ملاقات، سکر پريس ڪلب جو دورو تفصيل موجب ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي سکر جي دوري تي آيل معزز مهمان اسلامڪ ريپبلڪ آف بنگلاديش جي ڊپٽي هاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز ۾ پوليس جون ڪارروايون، ڪيترائي جواري گرفتار

ايس ايڇ او مورو پوليس نفري سان گڏ جوا جي ٽڪري تي ڇاپو هڻي جوا ڪندڙ علي رضا عرف اجو ڊونگهه ۽ قاسم ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو

منهڙو جي ڳوٺ جڳسي واسي آصف عمراڻي ۽ قاسم ڪوسو کي گرفتار ڪري سندس وٽان 52 تاش جا پتا ۽ 7500 روپيا ڪيش هٿ ڪري ورتا

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو پوليس جون ڪامياب ڪارروايون جاري ايس ايڇ او مورو مجيب الرحمان ٽاريجو پوليس نفري سان گڏ جوا جي ٽڪري تي ڇاپو جوا ڪندڙ علي رضا عرف اجو ڊونگهه، منهڙو جي ڳوٺ جڳسي واسي آصف عمراڻي ۽ قاسم ڪوسو کي گرفتار ڪري سندس وٽان 52 تاش جا پتا ۽ 7500 روپيا ڪيش هٿ ڪري مورو ٿاڻي تي گرفتار جوارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پوليو جا قطرا پيارڻ سان ٻارن کي مستقل معذوري کان بچائي سگهجي ٿو: ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عملدرآمد کي هر صورت ۾ يقيني بڻائين ته جيئن پوليو ٽيمن فرضن جي ادائگي دوران ڪنهن به قسم جي پريشاني نه ٿئي

فيلڊ ۾ وڃي پوليو ٽيمن جي بروقت روانگي ۽ گهر گهر موجودگي کي يقيني بڻائين، ٻارن مستقل معذوري کان بچائي سگهجي

گهارو شهر جي ٽرانزٽ پوائنٽس تي ڪوسٽ گارڊز کان مدد ورتي ويندي ته جيئن سفر ڪندڙ ٻارڙن کي پڻ پوليو جا قطرا پيارڻ ۾ آساني ٿئي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اسد علي خان صحت کاتي سميت ٻين سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته هو پوليو مهم جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏين ۽ تيار ڪيل پلان تي مڪمل عملدرآمد کي هر صورت ۾ يقيني بڻائين ته جيئن پوليو ٽيمن فرضن جي ادائگي دوران ڪنهن به قسم جي پريشاني نه ٿئي. هن چيو ته انڪاري ڪيسن کي منهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏيئي جي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ڇهن مهينن کان استاد مقرر نه ٿيو، تعليم متاثر

ڏيئي لڳ ڳوٺ بخشڻ خان دلواڻي ۾ پرائمري اسڪول ۾ مقرر استاد ڇين وڃڻ سبب اسڪول خالي

60 شاگردن جي تعليم گذريل 6 مهينن کان متاثر ٿي رهي آهي: ڳوٺاڻن جون ميڊيا آڏو دانهون

استاد ڏئي اسان جي معصوم ٻچن جي تعليم تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

ڏيئي (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) ڏيئي لڳ ڳوٺ بخشڻ خان دلواڻي ۾ پرائمري اسڪول ۾ ڇهن مهينن کان استاد مقرر نه ٿيو 60 کان وڌيڪ ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿيڻ لڳي ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو احتجاج استاد ڏيڻ جو مطالبو خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏيئي: پرائمري اسڪول ۾ 6 مهينن کان استاد مقرر نه هجڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪندي

دادو ۾ پوليو مهم جي حوالي سان ڊي سي آفيس ۾ گڏجاڻي ٿي گذري

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو سميع الله وڳڻ جي زيرصدارت هيٺ دربال حال دادو ڊي سي آفيس ۾ ميٽينگ ٿي گذري. ڊاڪٽر اشفاق ميمڻ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته دادو ضلعي ۾ به 26 فيبروري کان 3 مارچ 2024 تائين پوليو مهم شروع ڪئي پئي وڃي دادو ضلعي جي ٽوٽل آدمشماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر ۾ سيوريج جي ڪم بابت شهرين اعتراض واري ڇڏيا

سکر جي علائقي واري تڙ روڊ جي کوٽائي ڪري سيورج لائن وڇائڻ سبب گذرندڙ ٽريفڪ ۽ ماڻهن جي زندگين لاءِ خطرناڪ ٿي ويو

موٽرسائيڪل سوار ۽ راهگير ڪِرڻ ڪري زخمي ٿي رهڻ روز جو معمول بڻجي ويو، سڄي روڊ تي رکيل سيوريج لائين کي به ريتي وجهڻ ڪانسواءِ بند ڪيو ويو

اهو ڪم ٿي رهيو آهي ته ان کي مستقل مزاجي سان ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ رهواسي هڪ ڀيرو ٻيهر احتجاج تي مجبور ٿي ويندا

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ سيوريج جي ڪم بابت شهرين جا اعتراض، علائقي واسين ۽ شهرين جي پريشانين کي گهٽائڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ سکر جي قديم ۽ تاريخي علائقي واري تڙ روڊ جي کوٽائي ڪري سيورج لائين وڇائڻ وارو ڪم اتان گذرندڙ ٽريفڪ ۽ ماڻهن جي زندگين لاءِ خطرناڪ ٿي ويو آهي پنج ۽ ڇهه فوٽ ڪوٽيل ڪڏن مان گذرڻ معجزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئون ڪوٽ ۾ استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پ ٽ الف جو احتجاج

نصير آباد جي استاد هدايت لوهار کي اسڪول ويندي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو: استاد

هن مهل تائين پوليس ڪيس داخل ڪري قاتلن کي گرفتار ڪري ناهي سگهي، استاد جو قتل هڪ شعور جو قتل آهي

اسان مطالبو ٿا ڪريون ته استاد هدايت لوهار جا قاتل گرفتار ڪري انهن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ استاد اڳواڻ هدايت لوهار جي قتل خلاف استاد تنظيم پ ٽ الف پاران احتجاج ڪيو ويو، موقعي تي اڳواڻن محمد عيسى نهڙيو، غلام الله ٻجاڻي، خان غفار، رحمان نهڙي ۽ ٻين پاران احتجاج ڪندي چيو ته نصير آباد جي استاد هدايت لوهار کي اسڪول ويندي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو هن مهل تائين پوليس ڪيس داخل ڪري قاتلن کي گرفتار ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نئون ڪوٽ: استاد هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پ ٽ الف پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

نئون ڪوٽ ۾ صحافي آسن داس ميگهواڙ جي امڙ لاڏاڻو ڪري وئي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر آسن داس ميگهواڙ، سينيئر صحافي آڪاش سنتوراڻي ۽ آتر ميگهواڙ جي امڙ ڦقڙن جي بيماري سان جهيڙيندي حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو، جنهن جو مڙهه حيدرآباد کان نئون ڪوٽ آندو ويو جتي سنتورو فارم ۾ آخري رسمون ادا ڪرڻ بعد سندس مڙهه نئون ڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 24 فيبروري 2024ع

سنڌ ، جتي اڌ آباديءَ کي انسان ئي نٿو سمجهيو وڃي!

توڙي جو هن ملڪ جي اڌ آبادي عورتن تي مشتمل آهي پر ان جي باوجود انهن جي حقن جو تحفظ نٿو ڪيو وڃي. عورتون ظلم ۽ بربريت جو شڪار آهن. عورتن جا انساني حق ته پري ڳالهه، انهن کي انسان ئي نٿو سمجهيو وڃي. شايد ئي ڪو ڏينهن هجي جو سنڌ مان ڪارنهن جي الزام ۾ عورتن جي قتل جا واقعا رپورٽ نه ٿيندا هجن. الميو اهو آهي ته انهن قتلن جي واقعن کي قتل نه پر ڪارو ڪاري جي "رسم" ڳڻيو وڃي ٿو. جڏهن قتل کي به "رسم" سمجهيو وڃي ته ان مان اهو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته اسان وٽ انساني حق جو تصور ڪهڙو هوندو! اهڙن قتلن ۾ ملوث خونين کي "مڙس ماڻهو" سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو تصور اسان وٽ دقيانوسي ۽ عورت دشمن آهي. ان ئي تصور جو نتيجو آهي جو هتي مُڇ کي عورت جي رت جو پاڻي ڏيڻ ئي مڙسي سمجهيو وڃي ٿو. ظاهر آهي ته جيستائين اهو عورت دشمن تصور تبديل نه ٿيندو، تيستائين عورتن جي قتل جا واقعا بند ٿي نه سگهندا.

اسان وٽ سماج ۾ عورت خوف ۽ ڌڪاءَ ۾ زندگي گذاري ٿي. ان جي زندگيءَ جو هڪ هڪ پل ڪهاڙين ۽ بندوقن جي پاڇي ۾ گذري ٿو. هر قدم تي انهن جي انساني حقن کان انڪار جابجا ملي ٿو. اها گهريلو تشدد، جنسي ۽ جسماني تشدد ۽ ذهني تشدد مان گذري ٿي. مسلسل ان کي حراسان ڪيو وڃي ٿو. ايتري قدر جو آفيسن ۾، ڪم وارين جڳهين تي اها خوف ۾ گذاري ٿي. جنهن معاشري ۾ عورت پاڻ ئي خوف ۽ ڌڪاءَ جو شڪار هوندي، ان جي آزادي ۽ انساني حق به سلب ٿيل هوندا ته اهڙي ماحول ۾ جيڪو نسل اسرندو، ان جي ذهني ڪيفيت ۽ تربيت جو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي. سنڌي سماج قديم ماضيءَ ۾ عورت دشمن سماج نه رهيو آهي. عالمگير امن جو پيغام ڏيندڙ ڪراڙ جي ڪويءَ جي شاعريءَ مان جيڪڏهن ان جي ستن سورمين کي ڪڍي ڇڏجي ته باقي بچي ئي ڪجهه نٿو. سنڌس شاعريءَ ۾ عورت سورمي جي روپ ۾ ملي ٿي پر اسان پٽ جي پٽائيءَ جو اهو پيغام وساري ڇڏيو آهي ۽ انارڪي ۽ تشدد جي راهن تي هلي پيا آهيون. جنهن جو نتيجو اهو آهي جو هيءَ ڌرتي عورتن جي قتل گاهه جو ڏينهون ڏينهن روپ اختيار ڪندي وڃي. انگريز قابض هئا، چارلس نيپيئر غاصب هو پر اهو اعزاز ان کي ضرور وڃي ٿو ته ان سنڌ ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ عورتن جو قتل بند ڪرايو. اڪثر ڪري سنڌ ۾ مروج جرڳائي سرشتو ڪارنهن جي الزام ۾ عورتن جي قتل کي سازگار ماحول فراهم ڪري رهيو آهي. عورتن جي زندگي جي قيمت ۽ عصمت جو اگهه جرڳن ۾ لڳايو وڃي ٿو. قاتل ڏنڊ ڀري سزا کان بچي وڃي ٿو ۽ اهڙي نموني سان ان کي ڪو سيڪ نٿو اچي. توڙي جو سنڌ ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جرڳن تي پابندي وڌي آهي پر ان جي باوجود سرڪاري سرپرستي ۾ جرڳا ٿيندا رهيا آهن ۽ انهن جي ذميوار جرڳائي سردارن ۽ انتظاميا تي توهين عدالت جي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي.

عورتن جي حقن ۽ تحفظ جي حوالي سان اسان جي حڪمران دنيا ۾ پاڻ کي لبرل ۽ روشن خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ قانون سازي ته ڪرائي آهي پر انهن قانونن تي عمل نٿو ڪيو وڃي. سنڌ ۾ عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙڻ جون دعويدار تنظيمون ته گهڻيون آهن پر سواءِ چند تنظيمن جي ٻين جي جاکوڙ پنج ستاره هوٽلن جي شاندار هالن کان ٻاهر نڪري نه سگهي آهي. فنڊنگ جي آڪسيجن تي ساهه کڻندڙ اهي تنظيمون پاڻ کي فعال ظاهر ڪرڻ لاءِ انگن اکرن جي راند ته ڪنديون آهن پر عملي طور تي عورتن جي تحفظ جي حوالي سان انهن جو ڪو ڪردار نظر نٿو اچي. ڪارنهن جي الزام ۾ جيڪي عورتون قتل ٿين ٿيون، اڪثر واقعن ۾ انهن جو قاتل ڪو گهر جو ڀاتي ئي هوندو آهي ۽ فريادي پڻ گهر جو ئي ڪو فرد هوندو آهي. اڳتي هلي اهو ڪيس خراب ڪيو وڃي ٿو. شاهد ڦيرايا وڃن ٿا ۽ اهڙيءَ ريت ان مظلوم عورت جي خون سان انصاف نٿو ٿئي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته ڪارنهن جي قتل جي واقعن جو ڪيس رياست جي مدعيت ۾ درج ٿيڻ گهرجي ۽ اهڙا ڪيس تڪڙي اڪلاءِ وارين خاص عدالت ۾ هلايا وڃن. عورتن جي تحفظ لاءِ سنڌ جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ شيلٽر هائوس جوڙيا وڃن ته جيئن عورتن جو تحفظ ممڪن بڻجي سگهي.

مسڪين جهان خان کوسو: ٽري مفلس پر مخلص شخص

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

"مسڪين جهان خان کوسو" عنوان وارو ڪتاب مجنون بلوچ لکيو آهي، جو پاڻ ريونيو کاتي ۾ مختيارڪار هو پر ڪيس ادب سان دلچسپي رهي ۽ سنڌس لکڻ جو نوع نرالي هئڻ ڪري لکيل مضمون پڻ وڻندڙ آهن. هن ڪتاب کي پسند ڪرڻ ۽ اُن مٿي تنقيدي، تاثراتي ۽ تعريفي مضمون جن شخصيتن لکيا، انهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شيخ عبدالحليم جوش، ڊاڪٽر شيخ ابراهيم خليل، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، لطف الله بدوي، قاضي عبدالمجيد عابد، احمد خان آصف مصرائي، ڪريم بخش خالد، نجم عباسي، حميد سنڌي، م. ع ڏيپلائي ۽ ٻيا شامل آهن. ڪيترين اخبارن ۾ هن ڪتاب جي تعريف ۾ ڪالر آيا، جنهن سان اهو مختصر ڪتاب ڪافي مقبول ٿيو ۽ يونيورسٽيءَ جي نصاب ۾ پڻ مقرر ٿيو جو انهيءَ کان اڳ هن قسم جو سوانحي احوال موجود نه هو ليکڪ جي حسن بيان ۽ حسن انتخاب هن ڪتاب کي نه فقط مشهور و معروف ڪيو پر رائيٽرس ڪلب جو انعام يافته ڪتاب پڻ قرار ڏنو ويو ۽ هڪدم ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڇپيو جنهن ۾ اهي رايا ۽ مضمون پڻ شامل ڪيا ويا، جيڪي مٿين ليکڪن هن ڪتاب تي لکيا هئا.

"مسڪين جهان خان کوسو" ڪتاب هڪ ٽري مفلس پر مخلص شخص جي حياتيءَ جو زوردار ۽ اثرائتو عڪس آهي. هيءَ سوانح فقط جنم ۽ موت جي رسمي تاريخ ۽ زندگيءَ جي سلسليوار بيان جي ڪٿا نه آهي، بلڪ ليکڪ هن ڪتاب ۾ مسڪين جهان خان جي دلي جذبن، پنهنجي ڏٺل ٽرين جي ڏکين حياتين تي آب هاريندڙ اکين کي فوٽوگرافر جيان چٽيو آهي. ننگرپارڪر تعلقي جي ڳوٺ سامي ويري ۾ 9 جولاءِ 1909ع تي کوسن جي خاندان ۾ جنم وٺندڙ جهان خان فطري طور مسڪين طبع پر اندران فولاد هو سنڌس پيءُ رئيس بجار خان پوليس ۾ صوبيدار هو ته چاچو پڻ پوليس ۾ هو ڪيس پڻ گهر وارن پوليس ۾ ڀرتي ڪرايو پر هو پوليس کاتي جي ظلمن ۾ غريبن کي ٽڙپندو ڏسي نه سگهيو ۽ نوڪري ڇڏي سڄي حياتي غريبن جي خدمت کي ارپي ڇڏيائين. هيءَ بلوچ بهادر ۽ نڊر هو انهيءَ ڪري ڪنهن به بالا آفيسر سان ملڻ ۾ ڪڏهن به حجاب نه ڪندو هو بلڪ ڪين ڳولهي وڃي لهندو هو ۽ پنهنجي هٿ ۾ پڌل فائيل جنهن ۾ ڳوٺاڻن جي سورن جا داستان هوندا هئا (يعني مختلف مسئلن جون درخواستون) سي آفيسرن جي اڳيان پيش ڪري سادن سودن ٽرين جا ڪم ڪرائيندو هو بغير ڪنهن اُجوري ۽ محنت جي. ڏڪار جي ڏينهن ۾ ٻوڙ ڊڪ ڪري ٽرين لاءِ اناج ۽ ٻين سهولتن جو بندوبست ڪندو هو حڪومت کي ٽر لاءِ تعميري تجويزون لکي درخواستون موڪليندو هو ته ڪتابچا ڇپرائي اختياريءَ وارن ڏي موڪليندو هو هن نه ڪڏهن سردي جي پرواهه ڪئي ۽ نه ڪڏهن گرمي جي. فائيلن جا انبار ڪڇي آفيسن جي در در تي رلندو هو ۽ تيستائين سکون سان ڪونه ويهندو هو جيستائين اهو ڪم ٿي نه وڃي.

جمال ابڙو پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ٽر 1966ع ۾ وڃڻ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته، "مسڪين جهان خان بلڪل فقير منش، ننڍي سفيد ڏاڙهي، درخواستن جي پنارڪ ڪلهي تي، ڪيس سٽس پيئجي ويئي ته چار چڱا اچي بنگلي تي لٿا آهن. سوهليو آيو ملڻ. تمام ڳنڀيرتا سان ٽر ۽ ٽرپارڪر جا مسئلا بيان ڪرڻ شروع ٿي ويو ڏک، بک، سال جون بيماريون، نانگ بلائن جي علاج لاءِ دوائن جي اڻ هوند. ڪٿي پڇوس ته پوءِ ڇا ڪر ڪجي؟ ته هڪدم پنارڪ لاهي ان بابت درخواستون پيو ڪڍي ڏيکاري. جيڪي اڳيئي بالا اختياري وارن کي ڏنيون هئائين. اسان کي عرض رڳو اهو آهي ته ان جي پوئواري ڪجو بالا عملدارن کي ڪن ڪٿائجو هڪ عجيب آسماني انسان هو جو ٽر جي واريءَ مان اچي ڪنييءَ وانگر ڦٽي نڪتو هو ٽر ۽ ٽر واسين لاءِ سنڌس هڏ ٿي ڪر ڪيو اهڙو عجب انسان جو ڪو ديوتا هو يا اوتار يا ڪو ولي الله. مون حيدرآباد جي ڪمشنر عبدالله ميمڻ کي چيو ته تنهنجي ڊويزن ۾ به وڏا ماڻهو رهن ٿا. انهن جو خيال رکجانءِ. هڪڙو استاد منظور علي خان ۽ ٻيو مسڪين جهان خان کوسو لک احسان جناب محمد بخش مجنون صاحب جا جنهن مسڪين جهان خان جي شخصيت تي هڪ نهايت چڱو ڪتابڙو لکي ڇپائي ڇڏيو ۽ اهو ڪيئڻ به ڪري پڙهي ڇڏڻ گهرجي. ناياب هوندو"

مون وٽ هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو موجود آهي، جو جميل پبليڪيشن ميرپورخاص وارن 1969ع ۾ شايع ڪيو. پهريون ڇاپو 1967ع ۾ ڇپيو هو 162 صفحن جي هن ڪتاب ۾ 88 صفحن تائين پهرين ڇپيل ڇاپي جي باري ۾ تبصرا آهن ۽ 89 کان 162 تائين صفحن ۾ مسڪين جهان خان جو ذڪر آهي.

محمد بخش مجنون، مسڪين جي طبع جي باري ۾ لکي ٿو ته، "ڪوسو" ۽ "مسڪين"؟! ڪوڙو ٿي ڪونه ٿو لڳي، ڪوسو پٽسي پنجڙ ۾ ڪٿي مسڪين هجي پر طبيعت جو مسڪين ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي. ڪوسو ڪتل ته به خان آهي، جُتي نه آهي ته به جوان آهي. گهر ۾ پل، ٽي ڏينهن دانگي به نه چڙهي هجيس، پر ٻاهر ڪوسو اهڙي مخرج سان ڳالهائيندو ۽ اها ڏيکاري ڏيندو جو اڳلو سمجهندو ته مڙس ڪولڪ تي مٿو ڏوٺي آيو آهي."

اڳيان لکي ٿو ته، "مسڪين نه رڳو هڪ درويش صفت ۽ درويش سيرت بزرگ آهي مگر هڪ بلند اخلاق ۽ نڊر بلوچ پڻ آهي" اهو به لکيو اٿس ته مسڪين جي ٽر لاءِ محبت پڻ، انهيءَ اعليٰ ۽ ارفع دائري ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ مارئيءَ جو بيچين روح، ورهين کان وٺي ٽر جي پيانڪ پٽن ۾ پٽڪندو رهيو آهي. انهيءَ عفت ماب ۽ اعليٰ ڪردار مارئيءَ جي روح کي اڄ يقينن تسڪين هوندي ته سنڌس حب الوطنيءَ جي مشن کي زنده جاويد رکڻ لاءِ مسڪين جهڙو مجاهد سنڌس ٿاڻائي ڏيهه ۾ پاڻ پتوڙي رهيو آهي."

"سرمائيدارن جي اکين ۾ مسڪين هميشه کنڊو ٿي چيندو رهندو آهي. انهيءَ ڪک جي ڪانيءَ ڪڍڻ لاءِ، وڏا ڪي وس ۽ حيلا هلائيندا آهن، آخر 1956ع ۾ اندريان ٻاهريان جانا هٿي، وارو ڪڍي مسڪين کي غنڊا ائڪٽ جي ڪارروائي ۾ اڙائي، ڪٿي دسي وڌائون مسڪين غريب کي، ٻه سال سخت پورهئي سان سزا ملي، ٻارنهن مهينا جيل ۾ رهيو."

ليکڪ موجب مسڪين جهان خان جي انهيءَ گرفتاري سڄي سنڌ ۾ ٽرٽلو آڻي ڇڏيو ڪيترن اخبارن ليک لکيا، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين تائين سنڌس گرفتاريءَ جا احوال ويا. وڏن وڪيلن سنڌس وڪالت ڪئي. هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ٿي ۽ هو ضمانت تي آزاد ٿيو پوءِ به سنڌس ويهه شنوايون ٿيون. جيڪي هُن سامي ويري کان ڪراچيءَ تائين شڄ جي شمر تي ٽرن جي پٽن ۽ ريل جي سفرن سان ڪيون.

ٽرجي ڪولهين، مينگهواڙن مطلب ته هر ڪنهن سان رهائيندو هو ڪولهي ته سنڌس محبوب قوم رهي، جو اهي سنڌس وانگر محنتي ۽ جفاڪش آهن. هو ٽرين جي ڪيترن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهندو هو ۽ ان ۾ ڪامياب پڻ ٿيو هر ننڍي وڏي مسئلي کي لکت ۾ آڻيندو هو پيٽ ۽ مس ڪيڙي گڏ گڏ ٿي هوندا هئس. پنهنجيءَ هڙ ۾ هر شيءِ رکندو هو سنڌس پوئان ٽرين جا ولرن جا ولر هوندا هئا. پنڌ هلڻ کي ترجيح ڏيندڙ رهيو سنڌس ڪاڏو صفا سادو ۽ اڪثر ٻڪئي پيٽ هوندو هو ڪٿي به زمين تي ڪنڊ ۾ سمهي رهندو هو ڪيس پنهنجي ذات لاءِ ڪوبه شوق نه هو نه هو سياسي ماڻهو هو ۽ نه ئي علمي ۽ ادبي پر سنڌس سماجي خدمتن ڪيس سڄي جو محبوب بڻايو سنڌس شاندار سماجي خدمتن جو اعتراف آمريڪن بايو گرافيڪل انسٽيٽيوٽ 1996ع ۾ ڪيس عالمي ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنهي ملڪن جي ٻاردرن تي پاسپورٽ ۽ ويزا سسٽم جا معاهدا اڃان ڪونه ٿيا هئا ته چوري چڪاري وڌي ويئي. ٻاردرن جي پنهي طرفن جا ڳوٺ خالي ٿيڻ لڳا. انهيءَ وقت مسڪين ميدان ۾ لٿو ۽ هڪ اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنائين، جنهن سان سنڌس واهه واهه ٿي ويئي ۽ هن "بين المملڪتي" حيثيت ماڻي. سنڌس ڳوٺ سامي ويري پاڪستان جو ٻاردر ۽ پاڪسر هندوستان جي ٻاردر جي آفيسرن جون ميٽنگون انهيءَ وقت جي مختيارڪار عبدالغفور آرائين ۽ صوبيدار عبدالله خان بروهيءَ جي حاميءَ سان ڪرايائين ته جيئن امن امان قائم ٿئي ۽ ان ريت چوري ٿيل مال پڻ پاڳين کي واپس ورايائين ۽ ائين ماهوار ميٽنگون منعقد ٿينديون هيون. پنهي ملڪن جي ٻاردرن تي آباد ڳوٺن ۾ امن امان قائم ٿيو ۽ عوام جي چورن ۽ ڌاڙيلن جي آزار مان جند ڇٽي. هو پنهنجا ڪک ڇڏي لڏڻ کان بچي ويا. اهو سنڌس وڏو ڪارنامو آهي. مطلب ته هن سوانحي ڪتاب ۾ مسڪين جهان خان کوسي جي نيڪ نيتي، درياهه دلي، عاجزي، همٿ، محنت، خلوص، پنهنجي ٽر جي ماڻهن سان گڏ سڄي انسانيت جو پلو چاهڻ ڏسيل آهي. اهو ڪتاب هن نيڪ دل انسان جي حياتيءَ ۾ ڇپيو ڪيس وڏي مجتا ملي. نيڪي ڪڏهن به ضايع نه ٿيندي آهي.

مسڪين جهان خان جون خدمتون ٽر جي عوام کي هميشه ياد رهنديون. هن عظيم انسان 23 جولاءِ 1980ع تي جامشوري ۾ وفات ڪئي. سنڌس جسد خاڪيءَ کي ڪارونجهر جي هنج ۾ دفن ڪيو ويو.

هَڻُ، حبيبَ! هَٿَ ڪٽِي، ٻَنگان لهِي ٻاڻُ؛
ماڳهين مون مِنهَن ٿِئي، جهوليءَ وِڃهان پاڻُ؛
اِنَ پَرساجَنَ سانُ، مانَ مُقابلو مون ٿِئي.

ايوانن کي آکاڙو بنائڻ واري اسٽيبلشمينٽ جي راند

پروفيسر ڊاڪٽر منصور جتوئي

هن ملڪ ۾ صوبن سان، خاص طور تي ننڍن صوبن سان ٿيندڙ نا انصافين جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري تاريخ هن ملڪ جي آهي. انهن نا انصافين ۽ بي اطمينانيءَ جوئي نتيجو هو جو پنهنجي قائم ٿيڻ جي 24 سالن بعد هي ملڪ ٽٽي ويو. ان جي باوجود حڪمران ٽولن تاريخ مان سکڻ جي ڪوشش نه ڪئي ۽ اهائي بي اطميناني موجود آهي. بي اطميناني، جو اهم سبب اهو آهي ته وسيلن جو وڏو حصو وفاق ڪٺي وڃي ٿو ۽ وحدتون غير مطمئن رهن ٿيون ۽ اها ئي بي اطميناني آهي. جو وفاق ۽ وحدتن جي وچ ۾ ريڇا وڌندا وڃن. توڙي جو وفاق وٽ صرف پرڏيهي معاملا بجاءِ ۽ ڪرنسي وارا کاتا هجڻ گهرجن ها، پر وفاق سمورا اختيار پنهنجي مٺ ۾ رکيا آهن. جنهنڪري وفاق ۽ وحدتن جي وچ ۾ تعلق جي تند ڪمزور ٿيندي رهي آهي. ٻيو ته اسان وٽ پارلياماني حڪومتي نظام کي، ارڌ زوراڻي ڪندي صدارتي نظام وانگر هلايو ويندو آهي ۽ هر ايندڙ حڪمران آئين ۾ پنهنجي مرضيءَ جون ترميمون ڪيون ۽ ان جي صورت ئي مسخ ڪئي وئي پر 2010ع ۾ ارڙهين ترميم جي ذريعي 1973ع جي آئين کي ڪنهن حد تائين ٺي صحيح، اصل صورت ۾ آندو ويو ۽ صوبن جا اختيار وڌايا ويا. اهو دور اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو هو ۽ ارڙهين ترميم جو ڪريڊٽ به پيپلز پارٽي کي وڃي ٿو. ان ڪانسواءِ اين ايف سي ۾ پڻ صوبن جو حصو وڌايو ويو. اها ترميم ته منظور ٿي پر ان ڏينهن کان وٺي وفاق ڪات ڪهاڙا کڻي ان ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ جي پويان پيل آهي ۽ مختلف وقتن تي مختلف ڌرين جي ذريعي ارڙهين آئيني ترميم خلاف زهريلي پروپيگنڊا ٿيندي رهي آهي. مرڪزيت پسندن کان اها آئيني ترميم ختم ڪرڻ لاءِ مهر هلرائي ويندي آهي ۽ هن ڀيري به ايم ڪيوايم پاڪستان کي ان مهر تي لڳايو ويو آهي.

8 فيبروري جي چونڊن جي نتيجي ۾ جڙندڙ نئين مخلوط حڪومت ۾ پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ سان گڏ ايم ڪيوايم پاڪستان پڻ شامل آهي پر ان اتحاد تي پنهنجي روايتي بليڪ ميلنگ جو مظاهرو شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايم ڪيوايم قيادت چاهي ٿي ته ارڙهين آئيني ترميم ختم ڪرڻ لاءِ زور وڌو وڃي. توڙي جو صدر مملڪت جي منصب تي نئين حڪومت جي جوڙجڪ ڪانپوءِ آصف علي زرداري هوندو ۽ اتان آسانيءَ سان ان ترميم جي رول بيڪ ٿيڻ وارو ڪم شايد ممڪن نه هوندو. جيڪا ڳالهه يقينن ايم ڪيو ايم قيادت پڻ سمجهي ٿي پر هن وقت، جڏهن نئين حڪومت پنهنجي جوڙجڪ جي اوائلي مرحلن ۾ آهي، ايم ڪيو ايم طرفان اها گهر دراصل حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ آهي ته جيئن وڌ ۾ وڌ مفاد حاصل ڪيا وڃن. ايم ڪيوايم طرفان مرڪزي حڪومت ۾ چار وزارتون گهريون ويون آهن. جڏهن ته هميشه جيان هن ڀيري به سنڌ جي گورنر جو منصب ڏيڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو آهي. ايم ڪيو ايم جي خواهش آهي ته موجوده گورنر ٽسوري کي برقرار رکيو وڃي يا وري عشرت العباد جهڙو ڪو ٻيو گورنر ايم ڪيو ايم جي گودڙي مان نڪري نروار ٿيندو. جيئن ته سنڌ جي گورنر جي منصب جي لاءِ ماڻهو مسلم ليگ (ن) کي تجويز ڪرڻو آهي ۽ اهو سمجهيو پيو ويو پيئي ته شايد مسلم ليگ (ن) طرفان بشير ميمڻ کي اهو عهدو ڏنو ويندو پر تازين خبرن موجب نواز ليگ ايم ڪيوايم سان گورنر جي منصب ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. چو ته ايم ڪيوايم وٽ 22 سيٽون آهن اهو پڻ ممڪن آهي ته بشير ميمڻ لاءِ ڪا ٻي گنجائش ڪڍي وڃي.

جڏهن اڃان حڪومت سازي جون ڪوششون ڊيڊ لاڪ جو شڪار هيون ۽ ملڪ جي خراب معاشي حالت جي ڪري ڪوبه پنهنجي ڳچيءَ ۾ اها ڳنڍ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونه هو ۽ ميان نواز شريف کي اها ئي ڪاوڙ هئي ته جڏهن ڪيس لنڊن مان 3/2 اڪثريت جي واعدي تي آندو ويو ته پوءِ ڪيس سادي اڪثريت به نه ڏني وئي، جنهن ڪانپوءِ نواز ليگ مرڪزي حڪومت ناهڻ جي موڊ ۾ نظر نٿي آئي ۽ اهڙو اظهار خواجه سعد رفيق کان بيان ڏياري پڻ ڳالهه اسٽيبلشمينٽ جي ڪنن تائين پهچائي وئي. ٻئي طرف پاڪستان پيپلز پارٽي پڻ ملڪ جي خراب معاشي حالت جي ڪري اهو ڳرو بنڊ کڻڻ لاءِ تيار نه هئي ۽ بلاول ڀٽو زرداري اهو واضح نموني چئي چڪو هو ته پيپلز پارٽي اپوزيشن ۾ ويهندي. جنهن ڪانپوءِ اسٽيبلشمينٽ کي ڏينهن جو تارا نظر اچڻ لڳا ۽ راولپنڊي جي ڪمشنر لياقت علي چٺا جي ذريعي ڌانڌلي واري اعتراف جي پريس ڪانفرنس جتي نئون پينڊورا باڪس کولي مشڪلاتون ته پيدا ڪيون پر ان سان اسٽيبلشمينٽ جو ڪم ڪنهن حد تائين سهل ضرور ٿيو. جنهن ڪانپوءِ اصل اقتدار ڏٺين نواز ليگ کي اهو سبق سولي ٻوليءَ ۾ سمجهايو ويو ته جيڪڏهن وفاق ۾ حڪومت نٿا ناهيو ته پنجاب حڪومت به نه ملندي. جنهن کان پوءِ نواز ليگ کي لياقت علي چٺا جي ڌانڌلين جي الزام واريون سيٽون به ڳهتجندي نظر آيون. جنهن خوف ميان صاحب جون پليٽليٽس وڌيڪ ڪيرائي ڇڏيون. ٻئي طرف "پرنس چارمنگ" کي پڻ اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي وئي ته وفاقي حڪومت ۾ نواز ليگ سان اقتدار ۾ ڀائيواري نه ڪئي وئي ته سنڌ ۾ به حڪومت ناهڻ نه ڏني ويندي ۽ اهڙي ريت پير پاڳاري کي اڳ ئي ميدان تي آندو ويو هو. اهڙن ڌڙڪن ۽ اقتدار مان محروميءَ واري خوف ڪانپوءِ پيپلز پارٽي جي اناڻ جا پاري برج ڍهي پيا ۽ اها نواز ليگ سان گڏ حڪومت ناهڻ لاءِ راضي ٿي وئي. اها جدا ڳالهه آهي ته پيپلز پارٽي دٻاءُ جون انڪلون استعمال ڪري اقتداري ڪيڪ جو پنهنجي حيثيت کان ڪجهه وڌيڪ حصو حاصل ڪري وئي آهي.

هڪ پاسي ته ان راند سان اسٽيبلشمينٽ سياسي رقابت جي انتهائن تي، 180 ڊگرين تي بيٺل ٻن سياسي پارٽين کي گڏ ويهارڻ لاءِ راضي (مجبور) ڪري ورتو ته ٻئي طرف تحريڪ انصاف جي حمايت يافته آزاد اميدوارن کي سني تحريڪ ۾ شموليت ڪرائي وئي ۽ اهڙي نموني سان مذهبي عنصر کي ايوان تائين رسائي ڏيئي ان کي مستقبل ۾ جنگ جو ميدان بنائڻ ۾ وسان نه گهٽايو ويو. هاڻي ائين ٿيندو ته پي ٽي آءِ جا حمايت يافته آزاد اميدوار جيڪي سني تحريڪ ۾ شامل ٿيا آهن، اهي پارليامينٽ ۾ آسانيءَ سان ڪابه قانون سازي ٿيڻ نه ڏيندا ۽ سخت مخالفت واري ماحول ۾ ايوان کي همراه نموني سان هلائڻ ۽ عوام جي مفاد ۾ قانون سازي ڪرائڻ مشڪل بڻجي ويندو ۽ اهڙي نموني سان اسٽيبلشمينٽ پٽي راند ڪري مستقبل ۾ مهارون مڪمل طرح پنهنجي گرفت ۾ ڪرڻ جو اهتمام ڪري ورتو آهي. نواز ليگ ۽ پ پ پ جي قيادت جي راضپي جو گيهه سڌي آڱر سان نه نڪري ها ته انهن سياسي ڌرين کي خبر آهي ته اهي ٽيڏي آڱر سان گيهه ڪڍڻ ۾ به مهارت رکن ٿا. انهن اصل حڪمرانن وٽ ڪنهن کي هيرو مان زيرو ۽ زيرو مان هيرو بنائڻ جا سڀ گر موجود آهن. اهوئي خوف هو جنهن نواز ليگ ۽ پ پ پ کي اقتدار جي ڀاڄاريءَ ۾ جوٽي ڇڏيو ۽ ايم ڪيوايم جا ميمبر ته انهن ٻنهي پارٽين کي اسٽيبلشمينٽ ڏاج ۾ ڏنا آهن. جيڪي انهن جي ڪرسيءَ کي لوڏيندا رهندا. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته هي زوريءَ جو نڪاح ڪيترو ٿو هلي!

هي آرٽيڪل روزاني پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو
اداري جو هن آرٽيڪل جي مواد سان متفق هجڻ ضروري ناهي

بقايا 01

ن جي صدر شهباز شريف چيو ته هو پاڪستان کي نااهليءَ ۽ عدم اعتماد جي تحريڪ کان بچائڻ ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪردار کي ساراهي ٿو، جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي وفد ملڪ ۽ قوم لاءِ شهباز شريف جي خدمتن کي ساراهيو. شهباز شريف چيو ته سمورين پارٽين جي مينڊيٽ جو احترام ڪريون ٿا، ملڪ کي معاشي خطرن کان بچائڻ سڀني جي ذميواري آهي. ايم ڪيوايم جي وفد چيو ته شهباز شريف 16 مهينن دوران سمورن اتحادين کي گڏ ڪٺي هليو اميد آهي ته سنڌس قيادت ۾ پاڪستان ۽ عوام مسئلن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو. ايم ڪيوايم جي وفد ۾ گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري، مصطفيٰ ڪمال ۽ ڊاڪٽر فاروق ستار شامل هئا جڏهن ته شهباز شريف سان سينيٽر اسحاق ڊار، رانا ثناءُ الله، سردار اياز صادق، خواجا سعد رفيق، اعظم نذير تارڙ، رانا مشهود ۽ عطا تارڙ شامل هئا. شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ ڪو ڏکيڙ برداشت نٿو ڪري سگهي، سڀني کي گڏجي ويهڻو پوندو، پنهنجي بيان ۾ شهباز شريف چيو ته ملڪ کي پيش چئلينجن جو مقابلو گڏيل اتحاد سان ئي ڪري سگهجي ٿو ملڪ کي معاشي طور مستحڪم ڪرڻ منهنجي پهرين ترجيح آهي، ملڪ ڪنهن به صورت ۾ ڏکيڙ کي برداشت نٿو ڪري سگهي. هن چيو ته محنت ۽ ايمانداري سان عوام جي خدمت ڪنداسين، ملڪي ترقي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن ڪوششون ڪنداسين. نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ کي بحرانن مان ڪڍنداسين.

بقايا 02

گهرايو وڃي. نگران وزيراعظم حتمي تاريخ لکي سمري صدر کي موڪليندو سمري ۾ لکيو ويو آهي ته صدر جي منظوري سان قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرايو ويندو. صدر جي منظوري ڪانپوءِ باضابطه نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو.

بقايا 03

اپوزيشن پارٽين سان ورڪنگ رليشن قائم ڪندي، چاهي اسيمبلي ۾ هجي يا ٻاهر ۽ انهن جي جائز شڪايتن جو ازالو ڪيو ويندو. بلاول هائوس ميڊيا سيل مان جاري ڪيل پريس رليز موجب پ پ چيئرمين بلاول هائوس ۾ سنڌ پارلياماني بورڊ جي اجلاس ۾ سنڌ جي سمورن نون چونڊيل پيپلز پارٽي جي ميمبرن کي خطاب ڪندي چيو ته هاڻوڪيون چونڊون تمام ڏکيون هيون پر جنهن طريقي سان پيپلز پارٽي جي اميدوارن سازشن جو مقابلو ڪيو قابل تعريف آهي. هن چيو ته صوبي جي عوام هڪ ڀيرو ڀيهر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان پنهنجون اميدون وابسته ڪيون آهن. ان ڪري ايندڙ سنڌ حڪومت ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان پنهنجا اڳوڻا رڪارڊ ٽوڙيندي نوان سنگ ميل عبور ڪندي. اسان ڪارڪردگي ۾ نه رڳو ٻين صوبن جي حڪومتن سان پر وفاق سان به مقابلو ڪنداسين. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ ۾ وڏي وزير، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي عهدن لاءِ مراد علي شاهه، سيد اويس شاهه ۽ انٿوني نويد کي پنهنجي پارٽي جا اميدوار نامزد ڪري ڇڏيا ۽ اهو به چيو ته نويد انٿوني کي سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر نامزد ڪيو وڃي. پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ ڀيرو ڀيهر تاريخ رقم ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته اويس شاهه نوجوان آهي، اميد آهي ته هو اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج دراني وانگر سنڌس رهنمائي هيٺ اسيمبلي کي بهتر نموني هلائيندو. پ پ چيئرمين چيو ته ٻين پارٽين ٻوڏ متاثرن کي وساري ڇڏيو آهي، پر اسان انهن کي ياد ڪندا آهيون. اسان وفاقي ڪابينا ۾ ڪا به وزارت نه گهري آهي پر هڪ ڳالهه ضرور ڪئي آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ وفاق پنهنجو ڪردار ادا ڪري، اسان کي سنڌ جي ٻوڏ متاثرن کي سندن حق ڏيڻا آهن. سنڌ ۽ بلوچستان. اسان انهن کي گهر بڻائينداسين ۽ انهن گهرن جي عورتن کي مالڪي جا حق ڏينداسين. هن چيو ته سنڌ ۾ 50 سيڪڙو اسڪول به ٻوڏ سبب تباهه ٿيا، نئين حڪومت انهن اسڪولن کي به ترجيحي بنيادن تي تعمير ڪندي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي گڏيل صوبائي حڪومت جي صحت جي شعبي ۾ ڪارڪردگي شاندار رهي آهي ۽ ايندڙ حڪومت به اهو تسلسل جاري رکندي. هن سنڌ جي تعليمي نصاب کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي عزم کي ورجايو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي پارٽي جي نون چونڊيل اسيمبلي ميمبرن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي پنهنجي تڪن ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن. منهنجون اکيون ۽ ڪن هجڻ. توهان پنهنجي حلقي جي عوام ۽ منهنجي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪيو توهان عوام جا سفير آهيو هن چيو ته عوام وڏي ڏکيائي ۾ آهي، هو ڪوشش ڪندا ته ڪين وفاقي حڪومت ۾ شامل ڪري اهڙي طرح عوام جو فائدو ٿئي. هن نامزد ڪيل وڏي وزير کي هدايتون جاري ڪيون ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) جي جاري پروگرام کي وڌيڪ وسيع ڪيو وڃي ته جيئن حڪومت لهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ غربت ۾ گهٽتائي ٿي سگهي. سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت کي هدايتون ڏيندي هن چيو ته زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻي سميت آبي ذخيرن جي منصوبن کي اولين ترجيحن ۾ شامل ڪيو وڃي. هن ڪراچي کان ڪشمور تائين پاڻي جي سمورن منصوبن سميت ڪي فور منصوبي کي مڪمل ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو پ پ چيئرمين پنهنجي پارٽي جي ميمبرن تي زور ڀريو ته هو ڪرپشن جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته وڌيڪ ڪوششون ڪرڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته وسيلا گهٽ آهن ۽ عوام کي درپيش مسئلا وڌيڪ آهن. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي ۾ سمورا اڳواڻ ۽ ڪارڪن هڪ خاندان وانگر آهن ۽ جيستائين اسان پنهنجي ئي راهه تي هلندا رهنداسين تيستائين ڪاميابي ماڻيندا رهنداسين. هن چيو ته سنڌس ڪلهن تي وڏي ذميواري آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست عروج تي پهچي چڪي آهي، جنهن سبب ملڪ تباهه ٿي رهيو آهي. هن ايم ڪيو ايم، سني اتحاد ڪائونسل، جي ڊي اي، جي يو آءِ ف ۽ قومپرست پارٽين سميت سمورن سياسي اسٽيڪ هولڊرز سان ورڪنگ رابطا قائم ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو هن چيو ته احتجاج ڪرڻ سڀني جو حق آهي پر ڪوڙ ڳالهائڻ جو حق ڪنهن کي به ناهي. ۽ جيڪڏهن ڪو ڪوڙ ڳالهائيندو ته پورو پورو جواب ڏيندو.

بقايا 04

ڪري ڇڏي. اڊيالا جيل جي عدالتي ڪمري ۾ صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻول ڪندي عمران خان چيو ته آءِ ايم ايف کي خط لکي ڇڏيو آهي. اڄ خط هليو ويو هوندو. سنڌس چوڻ هو ته جيڪڏهن اهڙين حالتن ۾ ملڪ کي قرض مليو ته قرض واپس ڪير ڪندو، ان قرض سان غربت وڌندي. جيستائين سيڙپڪاري نه ٿيندي قرض وڌندو ويندو پي ٽي آءِ باني چيو ته سڀ کان ٻهرين ملڪ ۾ سياسي استحڪام آندو وڃي، نواز شريف جي سليڪشن لاءِ ادارن کي تباهه ڪيو ويو عدالتون، نيب سڀ ڪجهه تباهه ڪيو ويو ته جيئن نواز شريف کي سليڪٽ ڪري سگهجي. نواز شريف لاءِ مون کي زيرو ڪيو ويو، وري چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪرائي وئي. عمران خان وڌيڪ چيو ته اڳوڻي ڪمشنر راولپنڊي جا انڪشاف سامهون آيا، بعد ۾ ڪيس ڪنهي تشدد جو نشانو بڻايو ويو هائي سنڌس سافٽ ويئر اپ ڊيٽ ٿي چڪو آهي.

بقايا 05

جي نااهلي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪندي درخواست گذار جي دستاويز ڳڏائڻ جي اپيل منظور ڪري ورتي. جسٽس فيصل زمان خان شهزي اياز فاروقي جي الڳ درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذار وڌيڪ دستاويز ڏيڻ لاءِ الڳ درخواست داخل ڪئي آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن ۾ پ پ پارليامينٽيرين ۽ پ پ پ جي نالي سان به جماعتون رجسٽرڊ آهن. پ پ پارليامينٽيرين جو صدر آصف زرداري ۽ پ پ پ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري آهي. جڏهن ته آصف زرداري پ پ جو شريڪ چيئرمين به آهي. درخواستگذار موجب پ پ پارليامينٽيرين جو چونڊ نشان تلوار ۽ پ پ پ جو چونڊ نشان تير آهي، بلاول ڀٽو زرداري سميت ٻين چونڊ وڙهڻ غير قانوني آهي.

بقايا 06

حلف ورتو. پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڄ صبح 10 وڳي طلب ڪيو ويو هو جيڪو ٻه ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو. پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سبطين خان جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ اسپيڪر نون چونڊجي آيل ميمبرن کان حلف ورتو. ان کان اڳ ن ليگ جي نامزد وزيراعليٰ مريم نواز حلف کڻڻ لاءِ اسيمبلي جي هال ۾ پهتي ته ميمبرن سنڌس حق ۾ هنيا جڏهن ته ليگي ڪارڪنن ايوان نواز شريف جون تصويرون به کڻي آيا. ن ليگ جا اٽڪل 215 ۽ سني اتحاد ڪائونسل جي 97 ميمبر ايوان ۾ موجود هئا. ان دوران سني اتحاد ڪائونسل جي ميمبرن ن ليگ خلاف نعريبازي ڪئي جنهن جواب ۾ ليگي ڪارڪنن به نعريبازي ڪئي. اجلاس دوران سني اتحاد ڪائونسل ۽ ن ليگ ڪارڪنن ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ پڻ ٿي قسم کڻندڙن ۾ مريم نواز ڪانسواءِ مريم اورنگزيب به شامل هئي. پنجاب اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي 11 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو آهي. اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ سڀاڻي ڳجهي ووٽنگ ذريعي ٿيندي.

بقايا 07

اسيمبلي جون سيٽون ڇڏڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، ن ليگ ذريعن موجب شهباز شريف قصور ۽ لاهور جون صوبائي سيٽون ڇڏيندو، جڏهن ته حمزا شهباز لاهور جي صوبائي سيٽ ڇڏيندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته سردار غلام عباس چڪوال جي صوبائي سيٽ ڇڏيندو، جڏهن ته رانا تنوير شيخوپورا جي صوبائي سيٽ تان هٿ کڻندو. ن ليگ سيڪريٽري جنرل احسن اقبال ناروال جي صوبائي سيٽ ڇڏيندو. جڏهن ته سردار اويس لغاري ديرا غازي خان جي صوبائي سيٽ ڇڏيندو ۽ جام ڪمال لسٻيلا جي صوبائي سيٽ تان هٿ کڻندو.

بقايا 08

خطاب ڪيو. پ پ چيئرمين اجلاس ۾ سنڌ جي وڏي وزير، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي اميدوارن جو اعلان ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ ۾ وڏي وزير جو اميدوار مراد علي شاهه هوندو، سنڌ اسيمبلي اسپيڪر جو اميدوار اويس شاهه ۽ اقليتي ميمبر انٿوني نويد ڊپٽي اسپيڪر جو اميدوار هوندو.

بقايا 09

تائين صوبي ۾ جيالو وڏو وزير اچي ويندو. هن چيو ته جي ڊي اي عوام سان ڪو رابطو نه رکيو ۽ جماعت اسلامي جو ڪم احتجاج ڪرڻ آهي. انهن کي ٻيو ڪو ڪم ناهي.

بقايا 10

لاءِ اختلاف سامهون اچڻ لڳا. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان جي وڏي وزارت لاءِ ظهور بليدي ۽ صادق عمراڻي مضبوط اميدوار آهن. واضح رهي ته پ پ طرفان وڏي وزارت لاءِ صادق عمراڻي، ظهور بليدي، سرفراز بگٽي ۽ تراب ثناءُالله زهري جا نالا غور هيٺ آهن.

بقايا 11

۾ اسلامي صدارتي نظام جو نفاذ چاهيون ٿا. چيف جسٽس چيو ته اسان به اسلامي نظام چاهيون ٿا، پاڪستان ۾ پارلياماني نظام قائم آهي، توهان پاڪستان جو آئين پڙهي وٺو، آئين جي ڪتاب جو رنگ سبز آهي، چيف جسٽس چيو ته آئين ۾ الله جي نظام جو ذڪر آهي. آئين جي آرٽيڪل 227 مطابق ڪو به قانون قرآن ۽ سنت جي ابتڙ نه ٺاهي سگهجي، ڇا توهان کي انهن ڳالهين تي اعتراض آهي؟ چيف جسٽس درخواست گذار سان ڳالهائيندي چيو ته ڇا توهان صدارتي نظام ۾ صدر ٿيڻ چاهيو ٿا؟ توهان ڇو سمورا اختيار هڪ اڪيلي شخص کي ڏيڻ لاءِ صدارتي نظام چاهيو ٿا؟ درخواست گذار چيو ته مون کي آئين جو مطالعو ڪرڻ جي مهلت ڏيو. چيف جسٽس چيو ته هيءَ درخواست خارج ڪري رهيا آهيون، توهان آئين جو مطالعو ڪرڻ بعد نئين درخواست داخل ڪرائجو عدالت درخواست خارج ڪري ڇڏي.

بقايا 12

۽ استحڪام پاڪستان پارٽي کي هڪ — هڪ سيٽ الاٽ ڪئي وئي آهي. طاهرا اورنگزيب، شائستا پرويز، مريم اورنگزيب، نزهت صادق، مسرت آصف خواجا، سيما محيءُ الدين، شيزا خواجا، رومينا خورشيد، وجيها قمر، زيب جعفر، ڪرن عمران، انوشا رحمان، زهرا ودود فاطمي، آسيا ناز تنولي، صبا صادق جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن. پ پ جي حنا رباني کر، آءِ پي پي جي منزا حسن ۽ ق ليگ جي فرح خان جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون ڏيڻ جو معاملو اليڪشن ڪميشن ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. 50 آزاد اميدوارن جي سني اتحاد ڪائونسل ۾ شموليت به نوٽيفڪيشن ۾ ظاهر ڪئي وئي.

بقايا 13

جڏهن ته گذريل پي ڊي ايم حڪومت ان عرصي ۾ 3 ارب ڊالرن جا نيٽ ٻاهريان قرض ورتا، مجموعي طور تي نگران حڪومت 3 ارب 90 ڪروڙ ڊالرن جا ٻاهريان قرض ورتا ۽ 3 ارب 60 ڪروڙ ڊالرن جي ٻاهرين قرض جي ادائيگي ڪئي، ائين نيٽ ٻاهريان قرض 30 ڪروڙ ڊالر رهيا. گذريل پي ڊي ايم حڪومت جي دور ۾ 8 ارب 40 ڪروڙ ڊالرن جا مجموعي قرض ورتا ويا ۽ 5 ارب 40 ڪروڙ ڊالرن جي ادائيگي ڪئي وئي. ائين نيٽ ٻاهريان قرض 3 ارب ڊالر ورتا ويا. رپورٽ موجب جون 2023 تائين ٻاهرئين قرضن جي مجموعي حڪومتي قرضن ۾ شرح 38.3 سيڪڙو رهي، جڏهن ته ڊسمبر 2023 تائين اها شرح گهٽجي 36.7 سيڪڙو تي اچي وئي.

بقايا 14

موجب پ پ کي 10 ۽ ايم ڪيو ايم کي 4 سيٽون ڏنيون ويون. نوٽيفڪيشن موجب پ پ جي شازيا مري، نفيسا شاهه، شفقتا جماڻي، شاهدا رحماڻي، شهلا رضا، مهتاب راشدي، مسرت مهيسر، مهرين ڀٽو، شازيا ثوبيا ۽ ناز بلوچ قومي اسيمبلي ميمبر چونڊجي ويون آهن. هوڏانهن ايم ڪيوايم جي آسيا اسحاق، نگهت شڪيل، سبين غوري ۽ رعنا انصار قومي اسيمبلي ميمبر بڻيون آهن.

بقايا 15

عمر سيف جعلي پروپيگنڊا بابت عوام کي خبردار ڪندي چيو آهي ته آمريڪا ۾ پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا هيڊ جعلي آءِ ڊي ناهي رهيو آهي. ايڪس جي آفيشل اڪائونٽ سان ماڻهن کي وارننگ ميسيج موڪليا پيا وڃن. سنڌس چوڻ هو ته پيغام اڪائونٽن تي سڌي ريت ڊي ايم ذريعي موڪليا پيا وڃن، سڄو پراسيس اڪائونٽ هيڪ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. هن انڪشاف ڪيو ته گذريل رات منهنجو اڪائونٽ ائين ئي هيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، سوشل ميڊيا ذريعي تشدد، نفرت پکيڙڻ جي باقاعدي مهم هلائي پئي وڃي، اهڙن ماڻهن کي شرم اچڻ گهرجي.

بقايا 16

سستو ٿي ويو، اٽي جي 20 ڪلو ٿيلهي جي قيمت ۾ به 10 رپيا ۽ 6 پئسا گهٽتائي ڪئي وئي آهي. مجموعي طور 8 ضروري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جڏهن ته 20 جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو.

بقايا 17

ٿالن جي منظوري ڏني معاملو پارلياماني ڪميٽي کي موڪلي ڇڏيو.

بقايا 18

۾ چئلينج ڪري ڇڏيو. شير افضل مروت طرفان سپريم ڪورٽ ۾ آئين جي آرٽيڪل 183/3 تحت داخل درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن ميمبرن جي مقرري سان گڏ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي چونڊ نتيجن جا سمورا فارم 47 ڪالعدم قرار ڏنا وڃن. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر لياقت علي چٺا جي الزامن تي ناهيل اعليٰ سطحي ڪميٽي کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ ڌانڌلي جي الزامن جي جاچ لاءِ جڊيشل ڪميشن جوڙي وڃي. شير افضل مروت اپيل ڪئي آهي ته درخواست تي فيصلو اچڻ تائين وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي جوڙجڪ روڪي وڃي.

بقايا 19

. ملڪ محمد احمد خان پنجاب اسيمبلي پهتو، جتي هن ميڊيا سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي. سنڌس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ احتجاج ۽ شرارت ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ڪيو، ن ليگ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته اسلم اقبال تي ڪيس ناهي ته پوءِ اسيمبلي ۾ اچي. ملڪ محمد احمد خان جو اهو به چوڻ آهي ته بدقسمتيءَ سان ڪجهه ڪردار سياست ۾ عدم استحڪام جو سبب بڻجن ٿا، اهي ڪردار ختم ٿي ويندا.

بقايا 20

واضح ٿي وئي ۽ پ پ بلوچستان اسيمبلي ۾ سڀ کان وڏي پارلياماني پارٽي بڻجي وئي آهي. بلوچستان اسيمبلي ۾ پ پ جي سيٽن جو انگ 18 ٿي ويو آهي، جڏهن ته 3 عورتن ۽ اقليت جي هڪ سيٽ ملڻ ڪانپوءِ ن ليگ جي سيٽن جو انگ 17 آهي پ پ جي ٽڪيٽ تي 8 فيبروري تي 11 اميدوار ڪامياب ٿيا هئا، پوءِ 3 آزاد ميمبر پ پ ۾ شامل ٿي ويا ۽ عورتن جون 3 ۽ هڪ اقليت جي سيٽ ملڻ ڪانپوءِ ايوان ۾ پ پ جي پارلياماني پارٽي اسٽرينٿ سيني کان وڌيڪ 18 ٿي وئي. ن ليگ جي ٽڪيٽ تي 10 ڄڻا بلوچستان اسيمبلي ميمبر چونڊيا هئا، پوءِ 3 آزاد اميدوارن ن ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ان کي چار مخصوص سيٽون به مليون هيون. مخصوص سيٽون ملڻ ڪانپوءِ جي يو آءِ جي سيٽن جو انگ 14، بي اي پي جو 5 ۽ نيشنل پارٽي جي سيٽن جو انگ 4 ٿي ويو آهي.

بقايا 21

چيو آهي ته ان ڳالهه ۾ ڪا به صداقت ناهي ته الاهي بخش سولنگي مون کي ڪا به ايڊمنسٽريٽر پوسٽ يا چارج ناهي وٺرائي ڏني. هن چيو ته پي سي ايس آءِ آر سوسائٽيءَ جي پلاٽن جا سوين فائل غائب آهن. ڪجهه مافيا وارا چاهين ٿا ته مان جعلي فائلن تي صحي ڪريان، جنهن کان مون صاف انڪار ڪيو. تنهن ڪري هنن منهنجي خلاف سوشل ميڊيا، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ غلط پروپيگنڊا ڪرڻ شروع ڪري منهنجي ساک کي نقصان ڏنو پيو وڃي. الطاف سولنگي وڌيڪ چيو ته منهنجو محمد علي شيخ ۽ سليم ماندي والا سان ڪو به تعلق ناهي. مان اهڙي ڪوڙي خبر جي مذمت ڪريان ٿو. ڪجهه صحافين قبضا مافيا جي ماڻهن سان ملي ڪري مون خلاف سازشون ڪري رهيا آهن. هن چيو ته مان ڪنهن به قسم جي جعلي فائلن کي قبول نه ڪندس ۽ جلد انهن مافيائن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انهن کي بي نقاب ڪندس. الطاف سولنگي چيو ته مون کي سوسائٽي ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏني وڃي. اسان سوسائٽي کي صحيح طريقي سان هلائڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ڪجهه صحافي صحافت جي اصولن، قانون ۽ آئين جي خلاف ورزي ڪري رهيا آهن. اسان کان ڪوبه موقف ناهي ورتو ويو. هنن چيو ته اعجاز شاهه پنهنجي ڀاءُ اياز شاهه ذريعي پي سي ايس آءِ آر سوسائٽي جون سوين جعلي ليز فائلون ناهيون. جنهن کي اسان ڪينسل ڪيو ته اعجاز علي شاهه اسان خلاف ڪوڙي ۽ بي بنياد خبرون پکيڙڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ مختلف ادارن کي مون خلاف درخواستون پڻ ڏنيون آهن ۽ اعجاز شاهه مون کي قائل ڪري رهيو آهي ته منهنجي ناهيل فائلن کي قبول ڪيو وڃي، جنهن کان مون صاف انڪار ڪيو آهي. هن چيو ته الڪريمي ملٽي پرپز سوسائٽي کي ڪراچي جي ماسٽر پلان تان هٽايو ويو آهي ۽ منهنجي خلاف ميڊيا ٽرائل ڪيو پيو وڃي ۽ عدالت جي حڪم تي هن سوسائٽي جي اندر ۽ ٻاهر اينٽي انڪروچمينٽ پوليس کي مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هن سوسائٽي ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿي رهيو آهي.

بقايا 22

چيو ته اسان ڀرپور عوامي تحريڪ هلائينداسين. ملڪ کي زرداري اينڊ ڪمپني جي حوالي نه ڪنداسين. ڏي وٺ جو ماهر زرداري صاحب رت به ڪپائي ڇڏيندو آهي. سنڌس چوڻ هو ته پ پ قيادت جي قربانين جي بدلي اقتدار جي خريد ۽ وڪرو ڪندڙن کي پنهنجي قربانين تي فخر ناهي، انهن کي شرم اچڻ گهرجي. جي يو آءِ ترجمان چيو ته ڪنڊي صاحب پنهنجي قيادت کي تيار ڪري ڇڏي، اسان جا ٽرنا توهان کي ٻوڙي ڇڏيندا.

بقايا 23

لاءِ ناڻي واري وزارت ۽ ايف بي آر اختياريون مسلسل رابطي ۾ آهن. ذريعن موجب ايف بي آر ٽيڪس ٽو جي ڊي پي 3 سالن ۾ 15 سيڪڙو تائين وڌائڻ جو هدف هوندو. مرڪزي بئنڪ وٽ ناڻي متاستا جا ذخيرا 3 مهينن جي درآمدي بل جي برابر رکڻ جو هدف هوندو، جڏهن ته ڪرنٽ اڪائونٽ خساري ۾ گهٽتائي ۽ پرائمري بيلنس سرپلس رکڻ جو هدف به طئي ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ايندڙ بجيٽ ۾ سبسڊي به نئين قرض پروگرام جي شرطن موجب مقرر ڪئي ويندي ۽ ايندڙ سال بجيٽ آءِ ايم ايف جي شرطن موجب ناهي ويندي. نگران حڪومت نئين حڪومت لاءِ معاشي روڊ ميپ ۽ قرض پروگرام لاءِ ورڪنگ تيار ڪئي آهي. موجوده قرض پروگرام ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آءِ ايم ايف سان نئون قرض معاهدو سائن ٿيندو. قرض معاهدي کان اڳ آءِ ايم ايف کي شرطن تي عملدرآمد لاءِ خاطري ڪرائي ويندي.

بقايا 24

توانائي ڪميٽي ايراني بارڊر کان گوادر تائين 81 ڪلوميٽر پائپ لائين وڇائڻ جي منظوري ڏني آهي، ان جي تعمير تي 45 ارب رپيا لاڳت ايندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پائپ لائين وڇائڻ سان پاڪستان 18 ارب ڊالر ڊنڊ جي ادائيگي کان بچي ويندو ۽ ايل اين جي جي ڀيٽ ۾ ايران کان 750 ملين ڪيوبڪ فٽ گئس انتهائي سستي ملندي. ذريعن موجب ايران کان گئس خريدڻ جي نتيجي ۾ پاڪستان کي ساليانو 5 ارب ڊالرن کان وڌيڪ جي بچت ٿيندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ايران 18 ڊالر ڊنڊ جو نوٽيس واپس وٺندو، پاڪستان آمريڪا کان آءِ پي منصوبي تي پابندين کان ڇوٽ به گهرندو.

بقايا 25

گهر چيو ته موجوده نگران سيٽ اپ ۽ اليڪشن ڪميشن چونڊون ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي، اسان عدليا کي درخواست ڪئي هئي ته راولپنڊي جي ڪمشنر ۽ سنڌس خاندان جي حفاظت ڪئي وڃي. حفاظت نه ملڻ سبب ان اسٽيٽمينٽ تبديل ڪري ڇڏي. سنڌس موجب عمران خان چيو آهي ته ملڪ لاءِ آءِ ايم ايف پروگرام جاري رهڻ گهرجي. پاڪستان جي معيشت کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. پي ٽي آءِ باني چيو آهي ته پاڪستان ۾ معاشي ۽ سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. جمهوريت لاءِ جتي به آواز اٿارڻ جي ضرورت آهي، اتي اٿارينداسين.

بقايا 26

گل، خالد يوسف ۽ سلمان صفدر ذريعي اپيل داخل ڪئي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته سول جج قدرت الله طرفان 8 فيبروري تي ٻڌايل فيصلو حقيقتن جي خلاف آهي. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته 16 جنوري تي بشريٰ بي بي تي لاڳو ڪيل فرد جرم به غير قانوني آهي. اختيارن جي دائري جي درخواست بنا ڪنهن سبب جي رد ڪئي وئي. سول عدالت ٽرائل درست طريقي سان نه هلايو. بشريٰ بي بي ڪيس جي ڊسچارج ڪرڻ جي درخواست جو حق رکي ٿي. بشريٰ بي بي طرفان داخل درخواست ۾ اهو به چيو ويو آهي ته شڪايت ڪندڙ خاور مانيڪا 6 سالن ڪانپوءِ شڪايت داخل ڪئي، اهڙي ئي درخواست اڳ ۾ شئي دانهيندڙ طرفان به فائل ڪئي وئي هئي. ٽرائل ڪورٽ رابطي جا قانون ڏنا، طلاق بابت شريعت کي نظرانداز ڪيو. شڪايت ڪندڙ خاور مانيڪا ۽ شاهدن جا بيان تبديل ٿيندا رهيا. درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي آهي ته ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ۽ بشريٰ بي بي کي ڪيس مان ڊسچارج ڪيو وڃي. هوڏانهن پي ٽي آءِ باني عمران خان به ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ عدت ۾ نڪاح ڪيس جي فيصلي تي اپيل داخل ڪئي آهي.

بقايا 27

عرفان صديقي چيو آهي ته ملڪي معيشت تمام گهڻو زوال پذير آهي، اسان جو دارومدار ٻين تي آهي. هن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته ملڪ ۾ انتشار ۽ عدم تحفظ جي فضا کي ختم ڪرڻ به هڪ چيلنج آهي. ناڻي واري وزير يا ٻين وزارتن سان لاڳاپيل معاملن جو اڃا تائين فيصلو ناهي ٿيو عرفان صديقي اهو به چيو آهي ته ن ليگ جي گذريل دور ۾ اسان آءِ ايم ايف کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. ناڻي واري وزارت بابت اڃا تائين فيصلو ناهي ٿيو.

بقايا 28

کان روڪي ڇڏيو ذريعن موجب سينيٽر يوسف رضا گيلاني في الحال قومي اسيمبلي ميمبر جي حيثيت سان حلف نه کڻندو. جڏهن ته سينيٽر نثار کهڙي کي به حلف کڻڻ کان روڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سينيٽر جام مهتاب ڌهر صوبائي اسيمبلي ميمبر طور حلف نه کڻندو. ذريعن موجب اهو فيصلو سينيٽ چونڊن ۾ عددي اڪثريت برقرار رکڻ لاءِ ڪيو ويو آهي.

بقايا 29

. سڄي ملڪ ۾ پلاري رات شب برات آچر جي رات ملهائي ويندي، مسجدن ۾ خاص محفلون ٿينديون ۽ الله جا ٻانها توبهه تائب ڪندا. ان سان گڏوگڏ بخشش، ايمان ۽ سلامتي، رزق جي ڪشادگي سميت ملڪ جي سلامتي لاءِ دعائون گهريون وينديون، شب برات کي ڏسندي سنڌ ۾ سومر 26 فيبروري تي اسڪولن ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته سومر تي سڄي صوبي ۾ سرڪاري ۽ نجي اسڪول بند رهندا.

بقايا 30

موجب حادثو رات پيش آيو، موٽر سائيڪل سوار نالي ۾ وڃي ڪريا. پوليس ٻڌايو ته لاشن جي ڀرسان هڪ 125 موٽر سائيڪل به ملي آهي. ٻئي موٽر سائيڪل سوار تيز رفتاري سبب نالي ۾ ڪريا. جڏهن ته وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته هڪ لاش جي سڃاڻپ يونس جي نالي سان ٿي آهي.

بقايا 31

ورتي. جرمني مان پاڪستان اچي مذهب تبديل ڪرڻ ۽ شادي ڪندڙ ناري جو واسطو اپر پنجاب جي شهر لڌيانا سان آهي. سنڌس نالو جسپريت هو جيڪو مسلمان ٿيڻ بعد تبديل ڪري زينب رکيو ويو آهي. جسپريت سيالڪوٽ ۾ اسلام قبول ڪيو جنهن بعد سنڌس نالو زينب رکيو ويو آهي. تنهن بعد زينب پاڪستاني نوجوان ارسلان سان شادي ڪري ورتي. هو 16 جنوري تي سک مذهب جي ماڳ جي ياترا جي ويزا تي پاڪستان آئي هئي.

بقايا 32

اپوزيشن پارٽين سان ورڪنگ رليشن قائم ڪندي، چاهي اسيمبلي ۾ هجي يا ٻاهر ۽ انهن جي جائز شڪايتن جو ازالو ڪيو ويندو. بلاول هائوس ميڊيا سيل مان جاري ڪيل پريس رليز موجب پ پ چيئرمين بلاول هائوس ۾ سنڌ پارلياماني بورڊ جي اجلاس ۾ سنڌ جي سمورن نون چونڊيل پيپلز پارٽي جي ميمبرن کي خطاب ڪندي چيو ته هاڻوڪيون چونڊون تمام ڏکيون هيون پر جنهن طريقي سان پيپلز پارٽي جي اميدوارن سازشن جو مقابلو ڪيو قابل تعريف آهي. هن چيو ته صوبي جي عوام هڪ ڀيرو ڀيهر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان پنهنجون اميدون وابسته ڪيون آهن. ان ڪري ايندڙ سنڌ حڪومت ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان پنهنجا اڳوڻا رڪارڊ ٽوڙيندي نوان سنگ ميل عبور ڪندي. اسان ڪارڪردگي ۾ نه رڳو ٻين صوبن جي حڪومتن سان پر وفاق سان به مقابلو ڪنداسين. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ ۾ وڏي وزير، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي عهدن لاءِ مراد علي شاهه، سيد اويس شاهه ۽ انٿوني نويد کي پنهنجي پارٽي جا اميدوار نامزد ڪري ڇڏيا ۽ اهو به چيو ته نويد انٿوني کي سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر نامزد ڪيو وڃي. پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ ڀيرو ڀيهر تاريخ رقم ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته اويس شاهه نوجوان آهي، اميد آهي ته هو اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج دراني وانگر سنڌس رهنمائي هيٺ اسيمبلي کي بهتر نموني هلائيندو. پ پ چيئرمين چيو ته ٻين پارٽين ٻوڏ متاثرن کي وساري ڇڏيو آهي، پر اسان انهن کي ياد ڪندا آهيون. اسان وفاقي ڪابينا ۾ ڪا به وزارت نه گهري آهي پر هڪ ڳالهه ضرور ڪئي آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ وفاق پنهنجو ڪردار ادا ڪري، اسان کي سنڌ جي ٻوڏ متاثرن کي سندن حق ڏيڻا آهن. سنڌ ۽ بلوچستان. اسان انهن کي گهر بڻائينداسين ۽ انهن گهرن جي عورتن کي مالڪي جا حق ڏينداسين. هن چيو ته سنڌ ۾ 50 سيڪڙو اسڪول به ٻوڏ سبب تباهه ٿيا، نئين حڪومت انهن اسڪولن کي به ترجيحي بنيادن تي تعمير ڪندي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي گڏيل صوبائي حڪومت جي صحت جي شعبي ۾ ڪارڪردگي شاندار رهي آهي ۽ ايندڙ حڪومت به اهو تسلسل جاري رکندي. هن سنڌ جي تعليمي نصاب کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي عزم کي ورجايو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي پارٽي جي نون چونڊيل اسيمبلي ميمبرن تي زور ڏنو ته هو پنهنجي پنهنجي تڪن ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪن. منهنجون اکيون ۽ ڪن هجڻ. توهان پنهنجي حلقي جي عوام ۽ منهنجي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪيو توهان عوام جا سفير آهيو هن چيو ته عوام وڏي ڏکيائي ۾ آهي، هو ڪوشش ڪندا ته ڪين وفاقي حڪومت ۾ شامل ڪري اهڙي طرح عوام جو فائدو ٿئي. هن نامزد ڪيل وڏي وزير کي هدايتون جاري ڪيون ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) جي جاري پروگرام کي وڌيڪ وسيع ڪيو وڃي ته جيئن حڪومت لهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ غربت ۾ گهٽتائي ٿي سگهي. سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت کي هدايتون ڏيندي هن چيو ته زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻي سميت آبي ذخيرن جي منصوبن کي اولين ترجيحن ۾ شامل ڪيو وڃي. هن ڪراچي کان ڪشمور تائين پاڻي جي سمورن منصوبن سميت ڪي فور منصوبي کي مڪمل ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو پ پ چيئرمين پنهنجي پارٽي جي ميمبرن تي زور ڀريو ته هو ڪرپشن جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته وڌيڪ ڪوششون ڪرڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته وسيلا گهٽ آهن ۽ عوام کي درپيش مسئلا وڌيڪ آهن. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي ۾ سمورا اڳواڻ ۽ ڪارڪن هڪ خاندان وانگر آهن ۽ جيستائين اسان پنهنجي ئي راهه تي هلندا رهنداسين تيستائين ڪاميابي ماڻيندا رهنداسين. هن چيو ته سنڌس ڪلهن تي وڏي ذميواري آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست عروج تي پهچي چڪي آهي، جنهن سبب ملڪ تباهه ٿي رهيو آهي. هن ايم ڪيو ايم، سني اتحاد ڪائونسل، جي ڊي اي، جي يو آءِ ف ۽ قومپرست پارٽين سميت سمورن سياسي اسٽيڪ هولڊرز سان ورڪنگ رابطا قائم ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو هن چيو ته احتجاج ڪرڻ سڀني جو حق آهي پر ڪوڙ ڳالهائڻ جو حق ڪنهن کي به ناهي. ۽ جيڪڏهن ڪو ڪوڙ ڳالهائيندو ته پورو پورو جواب ڏيندو.

بقايا 33

چيو آهي ته ان ڳالهه ۾ ڪا به صداقت ناهي ته الاهي بخش سولنگي مون کي ڪا به ايڊمنسٽريٽر پوسٽ يا چارج ناهي وٺرائي ڏني. هن چيو ته پي سي ايس آءِ آر سوسائٽيءَ جي پلاٽن جا سوين فائل غائب آهن. ڪجهه مافيا وارا چاهين ٿا ته مان جعلي فائلن تي صحي ڪريان، جنهن کان مون صاف انڪار ڪيو. تنهن ڪري هنن منهنجي خلاف سوشل ميڊيا، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ غلط پروپيگنڊا ڪرڻ شروع ڪري منهنجي ساک کي نقصان ڏنو پيو وڃي. الطاف سولنگي وڌيڪ چيو ته منهنجو محمد علي شيخ ۽ سليم ماندي والا سان ڪو به تعلق ناهي. مان اهڙي ڪوڙي خبر جي مذمت ڪريان ٿو. ڪجهه صحافين قبضا مافيا جي ماڻهن سان ملي ڪري مون خلاف سازشون ڪري رهيا آهن. هن چيو ته مان ڪنهن به قسم جي جعلي فائلن کي قبول نه ڪندس ۽ جلد انهن مافيائن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انهن کي بي نقاب ڪندس. الطاف سولنگي چيو ته مون کي سوسائٽي ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏني وڃي. اسان سوسائٽي کي صحيح طريقي سان هلائڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته حيرت جي ڳالهه اها آهي ته ڪجهه صحافي صحافت جي اصولن، قانون ۽ آئين جي خلاف ورزي ڪري رهيا آهن. اسان کان ڪوبه موقف ناهي ورتو ويو. هنن چيو ته اعجاز شاهه پنهنجي ڀاءُ اياز شاهه ذريعي پي سي ايس آءِ آر سوسائٽي جون سوين جعلي ليز فائلون ناهيون. جنهن کي اسان ڪينسل ڪيو ته اعجاز علي شاهه اسان خلاف ڪوڙي ۽ بي بنياد خبرون پکيڙڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ مختلف ادارن کي مون خلاف درخواستون پڻ ڏنيون آهن ۽ اعجاز شاهه مون کي قائل ڪري رهيو آهي ته منهنجي ناهيل فائلن کي قبول ڪيو وڃي، جنهن کان مون صاف انڪار ڪيو آهي. هن چيو ته الڪريمي ملٽي پرپز سوسائٽي کي ڪراچي جي ماسٽر پلان تان هٽايو ويو آهي ۽ منهنجي خلاف ميڊيا ٽرائل ڪيو پيو وڃي ۽ عدالت جي حڪم تي هن سوسائٽي جي اندر ۽ ٻاهر اينٽي انڪروچمينٽ پوليس کي مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هن سوسائٽي ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿي رهيو آهي.

بقايا 34

ن جي صدر شهباز شريف چيو ته هو پاڪستان کي نااهليءَ ۽ عدم اعتماد جي تحريڪ کان بچائڻ ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪردار کي ساراهي ٿو، جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي وفد ملڪ ۽ قوم لاءِ شهباز شريف جي خدمتن کي ساراهيو. شهباز شريف چيو ته سمورين پارٽين جي مينڊيٽ جو احترام ڪريون ٿا، ملڪ کي معاشي خطرن کان بچائڻ سڀني جي ذميواري آهي. ايم ڪيوايم جي وفد چيو ته شهباز شريف 16 مهينن دوران سمورن اتحادين کي گڏ ڪٺي هليو اميد آهي ته سنڌس قيادت ۾ پاڪستان ۽ عوام مسئلن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو. ايم ڪيوايم جي وفد ۾ گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري، مصطفيٰ ڪمال ۽ ڊاڪٽر فاروق ستار شامل هئا جڏهن ته شهباز شريف سان سينيٽر اسحاق ڊار، رانا ثناءُ الله، سردار اياز صادق، خواجا سعد رفيق، اعظم نذير تارڙ، رانا مشهود ۽ عطا تارڙ شامل هئا. شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ ڪو ڏکيڙ برداشت نٿو ڪري سگهي، سڀني کي گڏجي ويهڻو پوندو، پنهنجي بيان ۾ شهباز شريف چيو ته ملڪ کي پيش چئلينجن جو مقابلو گڏيل اتحاد سان ئي ڪري سگهجي ٿو ملڪ کي معاشي طور مستحڪم ڪرڻ منهنجي پهرين ترجيح آهي، ملڪ ڪنهن به صورت ۾ ڏکيڙ کي برداشت نٿو ڪري سگهي. هن چيو ته محنت ۽ ايمانداري سان عوام جي خدمت ڪنداسين، ملڪي ترقي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن ڪوششون ڪنداسين. نواز شريف جي قيادت ۾ ملڪ کي بحرانن مان ڪڍنداسين.

بقايا 01 سنڌيار

جنهن سبب جهوپڙين ۾ رکيل قيمتي سامان روڪ رقم سڙي رک ٿي ويو جڏهن ته بروقت اطلاع ملڻ باوجود فائربرگيڊ عملو دير سان پهتو باهه کي وسائڻ لاءِ ٻهتل ريسڪيو عملي کي پڻ متاثر علائقي ۾ پهچڻ ۾ ڏکيائين جو منهن ڏيڻو پيو ڏس ۾ ريسڪيو عملي جو چوڻ هو ته باهه ميڻ بتي مان لڳي آهي متاثرين اعليٰ اختيارين کي مالي مدد جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 02 سنڌيار

قاتلن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ ۽ پوليس پاران ايف آءِ آر داخل نه ڪرڻ خلاف هڪ ريلي ۽ احتجاجي مظاهرو راول ڪرنائي، امجد شورو عمران خشڪ، فقير رزاق انڙ ۽ ٻين اڳواڻن جي قيادت ۾ ڪڍي پريس ڪلب ٽنڊو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ ڌرڻو هنيو ويو انهي موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ بيگناهه قومي ڪارڪنن کي قتل ڪيو پيو وڃي، شهيد هدايت لوهار جي قتل خلاف پوليس پاران ايف آءِ آر نه ڪٽڻ خلاف شهيد جون نياڻيون گذريل ڪافي ڏينهن کان احتجاج ۽ ويٺل آهن ثبوت هجڻ باوجود به ايف آءِ آر داخل نه پئي ڪئي وڃي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ايف آءِ آر داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 03 سنڌيار

هنڌ پيل ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته ذرين ۾ هلنڊڙ سگاوٽي تڪرار تان ڪجهه عرصو اڳ زرداري ذرهتان ذوالفقار تالپر مارجي ويو هو

بقايا 04 سنڌيار

وچ شهر ۾ ٿائي اڳيان قتل ٿي ويل قومپرست ڪارڪن ۽ پرائمري استاد هدايت لوهار جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ ايف آءِ آر داخل نه ڪرڻ ب ت الف ملير طرفان عوامي پريس ڪلب ملير اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ استادن، سماجي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ب ت الف جي اڳواڻن سليمان راڄپر، رفيق خاصخيلي، نادر ميمڻ، غلام مصطفيٰ ميمڻ، واحد بخش ناريجو، غلام نبي مگسي ۽ ٻين چيو ته سائين هدايت لوهار جو قتل هڪ استاد نه پر شعور جو قتل آهي جنهن پنهنجي ديوٽي فرض سمجهي نڀائي هئي هو سمجهون ٿا ته اهو قتل پلاننگ تحت قاتلن اهو سمجهيو هيو ته سائين هدايت لوهار جو قتل لڪي ويندو يا گم ٿي ويندو پر اها انهن جي ڀل هئي هنن چيو ته هدايت لوهار قوم ۽ ڌرتيءَ جو عاشق هيو جنهن پنهنجي سڄي جمار ۾ ڪنهن کي ڏکايو ماستري سان گڏ لوهارڪو ڪم ڪري پنهنجا ٻچا پاليندو هيو حيرت جي ڳالهه اها آهي ته هدايت الله لوهار جي قتل کي هڪ هفتو ٿي ويو آهي پر ان جو قتل ڪيس داخل ناهي ٿيو ۽ نه ٿي مقتول جا قاتل گرفتار ٿيا آهن جيڪا پوليس جي نااهلي آهي مقتول هدايت الله لوهار کي ٿائي پرسان قتل ڪيو ويو پر نصيرآباد پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي جڏهن ته قاتلن جا سي سي ٽي وي فٽيج وائرل ٿيا آهن پر پوليس قاتلن جو پتو لڳائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته مقتول جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 05 سنڌيار

ڪمشنر ايس اير محبوب عالم سان ملاقات ڪئي، ملاقات دوران ڪمشنر سکر ڊويزن ۽ ڊپٽي هاءِ ڪمشنر سکر گڏيل دلچسپي جي معاملن، مقامي ڪاروباري شعبي جي سهڪار ۽ ترقي ۽ استحصال جي ٻين مختلف شعبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات ۾ ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي آف پاڪستان جو ڊپٽي ڊائريڪٽر فدا حسين مهيسر پڻ موجود هو ڪمشنر سکر ڊويزن بنگلا ديش جي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر جو سکر اچڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ هڪ ٻئي کي سووينئر پيش ڪيا جڏهن ته بنگلاديشي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر سکر پريس ڪلب جو دورو ڪري صحافين سان پڻ ملاقات ڪندي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان موقعي تي پريس ڪلب جو صدر آصف ظهير لوڌي، امداد بوزدار، شهزاد تابائي، خالد ٻانيڻ ،سليم سهتو ،سحرش ڪوڪر ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 06 سنڌيار

خلاف 5 جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي لاڪپ ڪري ڇڏيو

بقايا 07 سنڌيار

ڏيڻ لاءِ وڌيڪ موثر قدم کنيا وڃن ته جيئن ڪو به ٻار پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي نه وڃي، اهڙيون هدايتون هن 26 فيبروري 2024ع کان شروع ٿيندڙ قومي پوليو مهم جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ دربار هال مکلي ۾ منعقد اجلاس جي صدارت ڪندي ڏنيون. اجلاس ۾ روينيو، صحت، تعليم، پوليس، لوڪل گورنمينٽ، يونيسيف، پي پي ايڇ آءِ، مرف، ڊبليو ايڇ او ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سميت مختلف اين جي اوز جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان سمون اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هو فيلڊ ۾ وڃي پوليو ٽيمن جي بروقت روانگي ۽ گهر گهر موجودگي کي يقيني بڻائين ته جيئن مستقبل جي معمارن کي مستقل معذوري کان بچائي سگهجي. هن چيو ته گهارو شهر جي ٽرانزٽ پوائنٽس تي ڪوسٽ گارڊز کان مدد ورتي ويندي ته جيئن سفر ڪندڙ ٻارڙن کي پڻ پوليو جا ڦڙا پيارڻ ۾ آساني ٿئي، اجلاس کي تفصيلي بريفنگ ڏيندي اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر راجيش ڪمار ٻڌايو ته اينڊ پوليو مهم جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ته جيئن 100 سيڪڙو هدف حاصل ڪري مهم کي ڪامياب بڻائي سگهجي. ان کان اڳ ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان سول اسپتال مکلي ۾ قائم پوليو ڪائونٽر تي ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري مهم جو باقاعدا افتتاح ڪيو بعد عوام ۾ پوليو بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ واڪ پڻ ڪيو ويو.

بقايا 08 سنڌيار

ڏيڻي شهر لڳ گوٺ بخشڻ خان دلوائيءَ ۾ قائم پرائمري اسڪول ۾ مقرر استاد چين پڙهڻ وڃڻ سبب استاد مقرر ناهي مليو جنهنڪري 60 شاگردن جي تعليم گذريل 6 مهينن کان متاثر ٿي رهي آهي جنهن خلاف ڳوٺاڻن اسماعيل دلوائي ميرو خان شير محمد نعيم سلطان ۽ ٻين احتجاج ڪندي گهر ڪئي آهي ته استاد ڏيئي اسان جي معصوم ٻچن جي تعليم تباهه ٿيڻ کان بچائي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 09 سنڌيار

